روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 02 فيبروري 2024 ع بمطابق 21 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 248

توهان تہ پراڻو پاڪستان بہ تباھ ڪري ڇڏيو، سوات وارا پڇڻ ٿا تہ توهان کي ڇا مليو: نواز شريف

خيبر پختونخواھ ۾ تبديلي مان آٽينڊس، ڪي پي جا ماڻهو هڪ شخص جي چار ۾ ڦاسي پيا، نئين پاڪستان ۽ تبديلي جي ڳولا ۾ پراڻو پاڪستان بہ تباھ ڪيو ويو

جن کي آزمائي چڪاسين، انهن کي وري آزمائڻ ٺيڪ ناهي، هتي کهڙو نئون موٽروي ۽ بجلي جو منصوبو لڳو، 300 ڊيم ڪاڏي ويا؟ ڪٿي بلين ٽري منصوبو نظر نہ پيو اچي

سوات وارڙو لوڊشيڊنگ جو خاتمو نواز شريف ڪيو هو، توهان ڪيئن اهڙي شخص جي چار ۾ ڦاسي پيا، جنهن توهان کي هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ گهر ڏيڻ جو واعدو ڪيو

هتي هزارين ماڻهو آهن، 50 لک گهرن مان ڪنهن کي هڪ گهر بہ مليو؟ ووٽ ڏيڻ کانپوءِ توهان کي ڇا مليو؟ نئين پاڪستان ۽ تبديلي جي ڳولا ۾ توهان پراڻو پاڪستان بہ تباھ ڪري ڇڏيو

ٻڌايو اڄ ملڪ ۾ مهانگائي آهي يا نہ؟ نواز شريف جو دور سٺو هو يا هي؟ اسان ڪوڙ ناهيون ڳالهائيندا، ايندڙ 5 سال بہ سچ ڳالهائينداسين، توهان ن ليگ کي موقعو ڏيو تہ خيبر پختونخواھ جي تقدير تبديل ڪري ڇڏينداسين

هتي کهڙو نئون موٽروي ۽ بجلي جو منصوبو لڳو، 50 لک گهرن مان ڪنهن کي هڪ گهر بہ مليو؟ لوڊشيڊنگ جو خاتمو نواز شريف ڪيو هو: مينگورا ۾ جلسي کي خطاب

مينگورا (م ڊ) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي تہ خيبر پختونخواھ ۾ تبديلي مان آٽينڊس، ڪي پي جا ماڻهو هڪ شخص جي چار ۾ ڦاسي پيا، نئين پاڪستان ۽ تبديلي جي ڳولا ۾ پراڻو پاڪستان بہ تباھ ڪيو ويو، مينگورا ۾ جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو تہ جن کي آزمائي چڪاسين، انهن کي وري آزمائڻ ٺيڪ ناهي، هتي کهڙو نئون موٽروي ۽ بجلي جو منصوبو لڳو، 300 ڊيم ڪاڏي ويا؟ ڪٿي بلين ٽري منصوبو نظر نہ پيو اچي، سوات وارڙو لوڊشيڊنگ جو خاتمو نواز شريف ڪيو هو ڇا توهان ڪيئن اهڙي شخص جي چار ۾ ڦاسي پيا، جنهن توهان کي هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ گهر ڏيڻ جو واعدو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مينگورا: نواز ليگ سربراھ نواز شريف چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

ڊي جي رينجرز سنڌ جي صدارت ۾ اجلاس، امن امان جي صورتحال ۽ چونڊن جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ ڊي جي رينجرز ميجر جنرل اظهر وقاص جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪراچي شهر جي امن امان جي صورتحال خاص طور تي عام چونڊن جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو رينجرز هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿيل اجلاس ۾ آءِ جي سنڌ، صوبائي اليڪشن ڪمشنر، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پارٽي پيپر دهشتگردن جي نشاني آهي، جيالا گهبرائي پوئتي نہ هٽنداسين: بلاول ڀٽو زرداري

بلوچستان جو عوام ڄاڻي ٿو تہ گر ٿيل ماڻهن جو مسئلو جيڪڏهن ڪو حل ڪري سگهي ٿو تہ اهو مان آهيان، مون ڪانسواءِ ڪو وفاقي سياستدان اهڙو ناهي، جيڪو بلوچستان جي تڪليف کي سمجهي سگهي

عوام کي خبر آهي تہ پ پ ناهي جهڪندي، اسان سيني ڦوٽن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر عوام جي حقن تي سودبازي نہ ڪنداسين، پ پ اڪيلي جماعت آهي، جيڪا بلوچستان کي ان جو حق ڏياري سگهي ٿي

اهو سمجهن ٿا تہ مان هار آهيان ۽ ڊڄي پوئتي هٽي ويندس تہ اها انهن جي ڀُل آهي، سازشي ٽولي ۽ دهشتگردن پ پ اميدوارن تي ڪيترائي حملا ڪيا، انهن جي ليکي تہ جيالا گهبرائجي ويندا پر ائين نہ ٿيو

پ پ شهيدن جي، غيرتمندن جي جماعت آهي، جيڪا ڪنهن دهشتگرد سامهون نٿي جهڪي سگهي، 8 فيبروري تي بلوچستان ۾ تيرن جي برسات ٿيندي

پارليامينٽ ۾ پهچي ويس تہ عوام کي خبر آهي انهن جو آواز اٿاريندس، جيئن مان سنڌ ۾ 30 لک گهر ناهي حقدارن کي ڏئي رهيو آهيان، ائين ئي بلوچستان ۾ بہ گهر ناهي ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏيندس

خضدار (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ بلوچستان جو عوام ڄاڻي ٿو تہ گر ٿيل ماڻهن جو مسئلو جيڪڏهن ڪو حل ڪري سگهي ٿو تہ اهو مان آهيان. خضدار ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ عوام ڄاڻي ٿو مون ڪانسواءِ ڪو وفاقي سياستدان اهڙو ناهي، جيڪو بلوچستان جي تڪليف کي سمجهي سگهي، عوام ڄاڻي ٿو تہ گر ٿيل ماڻهن جو مسئلو جيڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خضدار: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

بينظير ڀٽو غريب جو آواز هئي، هاڻ مان ۽ بلاول آواز بڻجنداسين: آصفہ ڀٽو زرداري

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو عورتن جي حقن لاءِ وڙهي هئي، هوءَ خود مختياري لاءِ وڙهي

بينظير ڀٽو کي اسان کان جدا ڪيو ويو، بينظير جي ڌيءَ آهيان، ڏک سک ۾ توهان سان گڏ رهنداسين

بينظير غريب جو آواز هئي، هاڻ مان ۽ بلاول توهان جو آواز بڻجنداسين: سانگهڙ ۾ چونڊ ريلي کي خطاب

سانگهڙ (رپورٽر) پ پ اڳواڻ آصفہ ڀٽو زرداري چيو آهي تہ هاڻ مان ۽ بلاول توهان جو آواز بڻجنداسين، سانگهڙ ۾ چونڊ ريلي کي خطاب ڪندي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سانگهڙ: پ پ اڳواڻ آصفہ ڀٽو زرداري چونڊ ريلي کي خطاب ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ فيس بڪ، يو ٽيوب سميت سوشل ميڊيا تان فحش مواد هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان فيس بڪ، يوٽيوب سميت ٻين سوشل ميڊيا پليٽ فارمز/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان ڄاڻي واڻي فوج کي نشانو بڻايو، سائفر معاملي تي پاڪ _ آمريڪا لاڳاپا متاثر ٿيا: تفصيلي فيصلو

پنهي ڌرين پاڻمرادو مسئلا پيدا ڪيا، همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ بي يارو مددگار بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي

سائفر کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو ويو جنهن جو اثر پيو، جوابدارن وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير طور عهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي

سائفر ذريعي ٻين ملڪن سان رابطي واري نظام جي سالميت تي سودبازي ڪئي وئي، ٻين ملڪن سان لاڳاپا متاثر ٿيڻ جو دشمنن کي فائدو ٿيو

راولپنڊي (م ڊ) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم خاص عدالت جي ابو الحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ اڳوڻي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران گهرو وزير گوهر اعجاز اجلاس کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي

وفاقي ڪابينا حياتي بچائيندڙ 146 دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا هارڊ شپ ڪيٽيگري تحت 146 انتهائي ضروري دوائن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد پوليس جا 17 جوان بني گالا سب جيل ۾ مقرر

هڪ ايس پي، هڪ ڊي ايس پي ۽ هڪ انسپيڪٽر کي بہ مقرر ڪيو ويو

اڊيالا جيل جي عملي ۾ بہ عورت ۽ بہ مرد اهلڪار شامل آهن

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد پوليس جي 17 جوانن کي بني گالا سب جيل ۾ مقرر ڪيو ويو، بني گالا جي رهائشگاھ کي سب جيل قرار ڏيڻ کانپوءِ اسلام آباد پوليس جي 17 جوانن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تحريڪ انصاف 5 فيبروري تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

تحريڪ انصاف جي فيڊرل اليڪشن ڪمشنر رئوف حسن طرفان باضابطہ شيڊول جاري ڪري ڇڏيو

نامزدگي ڪاغذ 2 فيبروري تائين مرڪزي سيڪريٽريٽ يا ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهبا

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف 5 فيبروري تي پيهر انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف جي فيڊرل اليڪشن ڪمشنر رئوف حسن طرفان انٽرا پارٽي چونڊن جو باضابطہ شيڊول جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايران کي آمريڪا سان جنگ جو ڪو بہ ڊپ نہ آهي: پاسداران انقلاب

آمريڪي ڌمڪي تي خاموش نہ ويهنداسين، تهران سڌي ريت فوجي ٽڪراءَ کان ڊنل نہ آهي

اسان جنگ نٿا چاهيون پران کان ڊنل بہ نہ آهيون: ايراني پاسداران انقلاب جو سربراھ

تهران (م ڊ) ايران پاسداران انقلاب جي سربراھ چيو آهي تہ ايران کي آمريڪا سان جنگ جو ڪو بہ ڊپ نہ آهي، پرڏيهي خابرو اداري موجب پنهنجي بيان ۾ ايراني پاسداران انقلاب جي سربراھ حسين سلامي چيو تہ ايران جي خلاف آمريڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سائفر ڪيس: عمران خان جو فيصلي جي تصديقي ڪاپي لاءِ عدالت سان رابطو

سائفر ڪيس جو ٽرائل قانوني گهرجن جي خلاف هلايو ويو آهي، ٽرائل ۾ قانون نقص موجود آهن: درخواست

خاص عدالت کي سمورا ثبوت عبوري ۽ حتمي حڪم نامن جون ڪاپيون ڏيڻ جو حڪم ڏنو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان سائفر ڪيس جي فيصلي جي تصديق ٿيل ڪاپي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي، عمران خان بئرسٽر علي ظفر ذريعي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

خيبرپختونخواءِ بلوچستان ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ڪو امڪان ناهي: چيف اليڪشن ڪمشنر

اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي تہ اليڪشن 8 فيبروريءَ تي ٿيندي، اي ايم ايس جو استعمال شفاف چونڊن لاءِ آهي

وقت جي کوٽ سبب بيلٽ پيپرز جي وڌيڪ پرنٽنگ جي گنجائش ناهي، چونڊون 8 فيبروريءَ تي ٿيندي

اليڪشن ڪميشن سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏني: اجلاس کانپوءِ صحافين سان غير رسمي ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو آهي تہ خيبرپختونخواءِ بلوچستان ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ڪو امڪان ناهي، اليڪشن ڪميشن اجلاس کانپوءِ صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي سڪندر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

گورنر رجسٽريشن سنڌ ترميمي آرڊيننس 2024 جي منظوري ڏئي ڇڏي

هاڻي عوام گهر ويٺي اليڪٽرانڪ طريقي سان بورڊ آف روينيو کي دستاويز جمع ڪرائي سگهندو

ملڪيت جي حق لاءِ دستاويزن جي ڊيٽا بيس ذريعي آن لائن تصديق ڪئي ويندي

هاڻي گهر ويٺي پنهنجي ملڪيت جي رجسٽريشن ٿي سگهندي، سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري رجسٽريشن ترميمي آرڊيننس 2024 ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

چيف اليڪشن ڪمشنر جي حڪومت کي 3 ڏينهن لوڊشيڊنگ نہ ڪرڻ جي درخواست

چيف اليڪشن ڪمشنر طرفان نگران وزيراعظم کي خط لکيو ويو، چونڊن دوران ملڪ ۾ بجلي جي بنا وقفي فراهمي اهم آهي

بجلي جي 7 کان 9 فيبروري تائين بنا وقفي فراهمي يقيني بڻائڻ جا انتظام ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي چونڊن جي ڏينهن ۾ لوڊشيڊنگ نہ ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي، چيف اليڪشن ڪمشنر طرفان نگران وزيراعظم کي خط لکيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سک اڳواڻ جو قتل، آمريڪا ڀارت کي ڊرونز جو وڪرو روڪي ڇڏيو

گرپتونت سنگهہ پنون جي قتل جي ڪوشش تي ڊرونز جي خريداري آمريڪي ڪانگريس ۾ رد

آمريڪي نمائندن ڀارت کي ڊرونز جي وڪري لاءِ گهربل قانوني ڪارروائي کي منجمد ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (م ڊ) سک اڳواڻ جي قتل جي سازش ۾ ملوث هجڻ تي آمريڪا مڪمل جاچ ٿيڻ تائين ڀارت کي 3 ارب ڊالرن جي ڊرونز جو وڪرو روڪي ڇڏيو، پرڏيهي خابرو اداري موجب آمريڪا ايم ڪيو نائن اي 31 سي گارڊين ۽ اسڪاءِ گارڊين ڊرونز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستانين 6 مهينن ۾ 9 کرب 42 ارب روپين کان وڌيڪ جي چانهہ پي ويا

گذريل سال جي پهرين 6 ماهي ۾ چانهہ جي درآمد ۾ 5.53 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

ملڪ ۾ چانهہ جي درآمد 318 ملين ڊالر جي پيٽ ۾ 336 ملين ڊالرز تائين وڌي وئي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ چانهہ کي پسنديدہ ترين شربت سمجهيو ويندو آهي جيڪا نہ رڳو گهرن ۾ تيار ٿيندي آهي پر وڏي انگ ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

آمريڪا پاران پي ٽي آءِ جي چونڊ ريلي تي دهشتگرد حملي جي مذمت

پاڪستانين کي بنا ڪنهن ڊپ جي پنهنجو ليڊر چونڊڻ جو حق حاصل آهي: ميٿيو ملر

گذريل مهيني ٻين سياسي جماعتن تي بہ حملا ٿيا، عملو بہ ڪيترن ئي هنڌن تي حملن جي زد ۾ آيو

آمريڪا، پاڪستان ۾ چونڊ عمل کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن تشدد جي مذمت ڪري ٿو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چونڊ ريلي تي حملي جي مذمت ڪندي متاثرن سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي، واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران ميٿيو ملر چيو تہ پاڪستانين کي بنا ڪنهن ڊپ جي پنهنجو ليڊر چونڊڻ جو حق حاصل آهي. هن چيو تہ گذريل مهيني ٻين سياسي جماعتن تي بہ حملا ٿيا، جڏهن تہ اليڪشن ڪميشن جو عملو بہ ڪيترن ئي هنڌن تي حملن جي زد ۾ آيو. ترجمان موجب، آمريڪا، پاڪستان ۾ چونڊ عمل کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن تشدد جي مذمت ڪري ٿو. ميٿيو ملر جو چوڻ هو تہ هو پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

جيڪب آباد جي 4801 پينشنرن جي پينشن بند ڪئي وئي

شڪ آهي تہ پينشنرن جون آئيڊيز جعلي آهن: ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر

پينشنرن کي نوڪري ۾ هئڻ بابت پنهنجا ڪاغذي ثبوت جمع ڪرائڻا پوندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي فنانس کاتي جي حڪم بعد جيڪب آباد جي 840 پينشنرن کي جعلي هئڻ جو شڪ ڄاڻائي پينشن بند ڪئي وئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

صنعتڪارن نوان نوٽ پلاسٽڪ جا ٺاهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

مختلف ملڪن ۾ پلاسٽڪ جا نوٽ جاري ڪيا ويا آهن چو تہ انهن نوٽن جي نقل تيار نٿي ڪري سگهجي

نوان نوٽ اچڻ سان جعلي نوٽن سبب عوام ڌوڪي ۽ نقصان کان بچي سگهندا

دنيا ۾ ڪاغذ جي بجاءِ پلاسٽڪ جي ڪرنسي استعمال ٿي رهي آهي، پنج هزار جو نوٽ ختم نہ ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) اسٽيٽ بينڪ طرفان نوان ڪرنسي نوٽ جاري ڪرڻ جي فيصلي کي صنعتڪارن خوشي جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو آهي، ان سان گڏ ئي صنعتڪارن طرفان نوان پلاسٽڪ جا نوٽ ٺاهڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو آهي، صنعتڪارن چيو آهي تہ اسٽيٽ بينڪ جي اهڙي قدم سان جعلي نوٽن مان ڇوٽڪارو ملندو اقتصادي ماهرن موجب مختلف ملڪن ۾ پلاسٽڪ جا نوٽ جاري ڪيا ويا آهن چو تہ انهن نوٽن جي نقل تيار نٿي ڪري سگهجي، صنعت ۽ واپار جي سينئر نائب صدر ثاقب فياض مگون چيو آهي تہ نوان نوٽ اچڻ سان جعلي نوٽن سبب عوام ڌوڪي ۽ نقصان کان بچي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

غزہ تڪرار ختم ڪرائڻ وڏو چيلينج آهي: انٽوني بلنڪن

اسرائيل _ حماس ويڙهہ شهرين کي امداد جي فراهمي ۾ رنڊڪ بڻيل آهي

آمريڪا امداد جي فراهمي ۽ شهرين جي حفاظت لاءِ اسرائيل تي دباءُ وجهي رهيو آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو آهي تہ غزہ تڪرار ختم ڪرائڻ وڏو چيلينج آهي، اسرائيل _ حماس ويڙهہ شهرين کي امداد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نئين ڪرنسي ڇپائڻ جو فيصلو آءِ ايم ايف جي چوڻ تي نہ ڪيو ويو: اسٽيٽ بينڪ

هر 15 کان 20 سالن ۾ نوان نوٽ ڇپبا آهن، نئين ڪرنسي جو مقصد نوٽن جي سالميت برقرار رکڻ آهي

جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي نئين ڪرنسي جي ڇپائي ڪئي ويندي، جنهن ۾ عوام کي بہ فائدو ٿيو آهي

نوان ڪرنسي نوٽ اڪائونٽ ۾ منتقل ڪيا ويندا، پراڻا ڪرنسي نوٽ بہ مرحليوار ختم ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر سليم الله چيو آهي تہ نئين ڪرنسي ڇپائڻ جو فيصلو آءِ ايم ايف جي درخواست تي نہ ڪيو ويو، انهن جي ٽي وي سان ڳالهائيندي هن چيو تہ هر 15 کان 20 سالن ۾ نوان نوٽ ڇپبا آهن، نئين ڪرنسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اليڪشن ڪميشن 8 فيبروري تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

سموري ملڪ جون سرڪاري ۽ نجي آفيسون تعليمي ادارا ۽ ڪاروباري مرڪز بند رهندا

اهو فيصلو عام چونڊن 2024 ۾ ووٽرز جي سهوليت جي لاءِ ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ هلندڙ مهيني عام چونڊن جي سلسلي ۾ 8 فيبروري تي عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، اليڪشن ڪميشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مشعل ملڪ اجلاس جي صدارت ڪندي

پي ٽي آءِ ڪارڪن 8 فيبروري تي ووٽ ڏئي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا: اسد قيصر

عمران خان ۽ سندس گهرواري خلاف هڪ ٻئي ڪيس ۾ نواز شريف جو مطالبو هو تہ پي ٽي آءِ جي باني کي نااهل ڪيو وڃي

اسان کي اڳ ئي خبر هئي تہ فيصلا ڪيئن اچي رهيا آهن، جيڪو ٿي رهيو آهي اهو انصاف جو قتل آهي

اهو سڀ ڪجهہ 8 فيبروري کان اڳ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن کي مايوس ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي: جاري ڪيل بيان

صوابي (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي اسپيڪر قومي اسيمبلي اسد قيصر چيو آهي تہ 8 فيبروري تي پي ٽي آءِ ڪارڪن ووٽ ذريعي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا، هڪ بيان ۾ اسد قيصر چيو تہ عمران خان ۽ سندس گهرواري خلاف هڪ ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آمريڪا ايراني حدفن تي حملن جو منصوبو بڻائي رهيو آهي: آمريڪي ميڊيا

اردن ۾ آمريڪي اڏي تي ڊرون حملي کان پوءِ آمريڪا وچ اوڀر ۾ حملن جو منصوبو بڻائي رهيو آهي

آمريڪي منصوبي ۾ ايراني سرحد کان ٻاهر حدف شامل آهن، ايران جي اندر سائبر حملن تي ئي ڀاڙيو ويندو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا وچ اوڀر ۾ ايران حدفن تي حملن جو منصوبو بڻائي رهيو آهي جيڪو هفتن تائين جاري رهي سگهن ٿا، آمريڪي ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي تہ اردن ۾ آمريڪي اڏي تي ڊرون حملي کان پوءِ آمريڪا وچ اوڀر ۾ ايراني حدفن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد: اعتراض جوڳين تصويرن ۽ وڊيوز جي مشهوري تي عورت کي سزا

عورت جوابدار خلاف گذريل سال سائبر ڪرائم حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تي جوڊيشل مئجسٽريٽ 1 حيدرآباد عاليہ سحر قائمخاني سزا ٻڌائي

حيدرآباد (رپورٽر) آن لائن اعتراض جوڳين تصويرن ۽ وڊيوز جي مشهوري ۾ ملوث عورت کي سزا ٻڌائي وئي، حيدرآباد جي عدالت اعتراض جوڳين تصويرن ۽ وڊيوز جي سوشل ميڊيا تي مشهوري ۾ ملوث عورت کي 6 مهينا قيد جي سزا ٻڌائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ مان هني مون ملهائڻ لاءِ ڪشمير ويل جوڙي سان خوفناڪ حادثو

ٽنڊي الهيار سان واسطو رکندڙ گهوٽ زندگي جي جنگ هارائي ويو

زندگي ۽ موت جي بہ واٽي تي بيٺل ڪنوار کي مظفرآباد منتقل ڪيو ويو

مظفرآباد (م ڊ) نيلم وادي ۾ ڪٽن واري هنڌ ريسٽ هائوس جي ڪمري ۾ مبينا طور گئس ڀرجڻ سبب سنڌ جي علائقي ٽنڊي الهيار سان واسطو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

چونڊن کان اڳ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي

اولهہ هوائن جو سلسلو ملڪ تي اثرانداز ٿي رهيو آهي، جيڪو 4 فيبروري تائين برقرار رهندو: موسميات کاتو

2 کان 3 فيبروري دوران ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ هلڪي ۽ وچولي درجي جي برسات ٿي سگهي ٿي

بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ 2 کان 3 فيبروري تائين برسات ۽ جبلن تي برفباري جو امڪان آهي

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن کان اڳ ملڪ ۾ وڌيڪ برساتن ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، موسميات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملتان: پنجاب جو نگران وزير صحافين سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جو هاڪاري ڏينهن، 27 ڪروڙ شيئرز جا سودا ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جو هاڪاري ڏينهن رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

2050 ع تائين ڪينسر جي ڪيسن ۾ 77 سيڪڙو واڌ جو امڪان: صحت جو عالمي ادارو

تماڪ واپرائڻ، شراب پيئڻ، ٿولهہ ۽ هوائي گدلاڻ ڪينسر جي ڪيسن ۾ واڌ جو مک عنصر هوندا

هڪ سال دوران ڪينسر جا لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ ڪيس رپورٽ ٿيا، 2050 ع تائين ساليانو انگ سادا 3 ڪروڙ تي سگهي ٿو

2050 ع تائين سڄي دنيا ۾ ڪينسر سبب ٿيندڙ موتن ۾ لڳ ڀڳ ٻيڻو اضافو ٿيڻ جو امڪان آهي

جنيوا (م ڊ) صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) تنبيهہ ڪئي آهي تہ 2022 ع جي ڀيٽ ۾ 2050 ع تائين ڪينسر جي نون ڪيسن جو انگ 7/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

آمريڪي فوجي جهاز ڏکڻ ڪوريا ۾ سمنڊ ۾ ڪري تباھ

جهاز کي سمنڊ مٿان ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو

پائلٽ حادثي وقت جهاز مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

سئول (م ڊ) ڏکڻ ڪوريا ۾ آمريڪي ايف 16 ويڙهاڪ جهاز سمنڊ ۾ ڪري تباھ ٿي ويو ڏکڻ ڪوريا ۾ آمريڪي هوائي فوج جي يونٽ تصديق ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ن ليگ اڳواڻ مصدق ملڪ

محمد بشير کي مرد مومن قرار ڏيندڙ هاٿي سنڌس فيصلي تي تنقيد ڪري رهيا آهن: مصدق ملڪ

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ نون جي اڳواڻ مصدق ملڪ چيو آهي تہ محمد بشير کي مرد مومن قرار ڏيندڙ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

خانپور مهر ۽ ڀرپاسي ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي، وڏيڪ هڪ ٻارڙو فوت، انگ 7 تي ويو

گوٺ جعفر گڏاڻي ۾ معصوم ضامن گڏاڻي فوت، ساڳي ڳوٺ ۾ ارڙي بيماري ۾ 40 ٻارڙن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو

ڳوٺ ۾ ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن پر صحت کاتي خاموش تماشائي بڻيل بڻيل آهي ۽ ڪي به اپاءَ نه ورتا آهن: ڳوٺاڻا

معاملي تي رابطو ڪرڻ تي خانپور مهر اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر فياض راجپوت ۽ ڊي ايڇ او گهوٽڪي ڊاڪٽر الطاف سومرو موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

خانپور مهر (رپورٽر: آفتاب سيال) خانپور مهر ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ ارڙي وبائي صورت اختيار ڪري وئي وڏيڪ هڪ ٻارڙو فوت ٿي وڃڻ بعد فوتي ٻارڙن جو انگ وڌي 7 تي ويو ڳوٺ جعفر گڏاڻي ۾ معصوم ضامن گڏاڻي فوت ٿيڻ بعد ساڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خانپور مهر: ارڙي وگهي فوت ٿيل ٻارڙو، ٻئي ٻارڙي جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ مسلم ليگ ن جي اميدوار پاران چونڊ مهم جي حوالي سان مختلف ڳوٺن ۾ گڏجاڻيون

رسول بخش جاکرو ڪيٽي بندر، ٻاڀيهو ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ پهتو، شاندار استقبال

ٺٽي جي عوام جي تڪليفن کي مدنظر رکندي ڀرپور پيروي اين اي 225 ٺٽو تڪ تي بيٺا آهيون: رسول بخش جاکرو

ٺٽو (ب ر) پاڪستان مسلم ليگ ن جي نامزد ٿيل اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار سردار رسول بخش جاکرو پاران اليڪشن جا ڏينهن ويجها ايندي ئي پنهنجي چونڊ سرگرمين ۾ تيزي آڻيندي وڏين ڳاڙين جي ريلين ۾ مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ميهڙ پرسان درگاهه شاهه گودڙيو تي ميلي دوران چانديا ۽ خاصخيلي برادري ۾ جهيڙو، نوجوان قتل

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان درگاهه شاهه گودڙيو تي ميلي دوران چانڊيه ۽ خاصخيلي برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب 15 ورهين جو محبت علي پٽ غلام عباس چانڊيو شديد زخمي ٿي پيو زخمي نينگر کي تعلقي اسپتال ميهڙ آندو ويو جتي هوزخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي نينگر جي والد احتجاج ڪندي ڏانهيو ڏ شاهه گودڙيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽي جو رهواسي 13 سالن جو نينگر پراسرار نموني گم ٿي ويو

وارثن ٻارڙي جي ڳولا جاري ڪري ڇڏي، ڪوڏس پتو پئجي نه سگهيو

گم ٿي ويل ٻارڙي جي وارثن ٻارڙي جي ڳولا ۾ مدد جي وس وارن کي اپيل

ٺٽو (ب ر) ٺٽي شهر اسلامپور محلي وارڊ نمبر 03 جي رهواسي سليم هاشماڻي جو 13 سال پٽ توحيد هاشماڻي ڪاله شام جو پنهنجي گهران راند کيڏڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پ پ ڪوڙن دلاسن واري سياست ناهي ڪندي، نواز شريف هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيڻ جو ڪوڙو واعدو ڪري رهيو آهي: نعمان اسلام شيخ

ملڪ جي معيشت کي تباهي جي ڪناري تي پهچائڻ وارن جو حال اوهان جي اڳ آهي، اليڪشن مهم دوران ڳالهيون

اڄ اسان جي ملڪ کي هٽ وٺي بحران طرف ڌڪيو ويو آهي، جنهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو فارمولو فقط پ پ وٽ آهي

ريلي ۾ فياض احمد چنا، قربان علي، يار محمد جوڻيجو برادرين جا ماڻهو وڏي انگ ۾ موجود هئا

سڪر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي ڪوڙن دلاسن ۽ واعدن واري سياست ناهي ڪندي عمران خان ڪانپور هاڻي ميان صاحب به عوام سان هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيڻ جو ڪوڙو واعدو ڪري رهيو آهي پ پ جون پاڙون عوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪر: نعمان اسلام شيخ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري وٽ غربت جي خاتمي لاءِ مڪمل پروگرام آهي، عوام سان گڏ آهيون: آصف ڀٽو

سانگهڙ (رپورٽر) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڀائٽي آصف ڀٽو زرداري چونڊ مهم جي سلسلي ۾ سانگهڙ ريجهو ڪنڊياري شهر پهتي ۽ خان بهادر غلام محمد وسان هائوس تي جلسو ڪيو، جلسي کي خطاب ڪندي آصف ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وٽ غربت جي خاتمي لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ نوجوانن کان نوڪري بهاني 15 لک وٺڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان سان هڪ فراڊي ٽولي آبپاشي کاتي ۾ نوڪرين جي عيوض پئسا ورتا هئا: متاثر نوجوان

جلد اسان بلاول هائوس اڳيان پڻ احتجاج ڪرڻ ۽ قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين شادي لارج جا 15 بيروزگار نوجوانن کان نوڪرين جي بهاني 15 لک روپيا ورتا ويا جن کي اڄا تائين نوڪرين جا آرڊر نه مليا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽي ۾ جماعت اسلامي جي اميدوار جو مختلف ڳوٺن جو دورو، شاندار استقبال

جماعت اسلامي هر دور ۾ ڏکئي وقت ۾ عوام جي ڀرپور مدد ڪئي آهي: اڳواڻ

جماعت اسلامي جا اميدوار ڪامياب ٿي عوام جا مسئلا حل بنا فرق جي حل ڪندا رهندا

ٺٽو (ب ر) جماعت اسلامي پاران نامزد ڪيل پي ايس 75 ٺٽو جي اميدوار عبدالله آدم گندرو، اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار ڊاڪٽر امتياز پالاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: جماعت اسلامي جلسي ۾ مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري پاران 6 فيبروري کان آءِ ٽي ڪلاس شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

آئي ٽي يونيورسٽي 24 هزار اسڪوائر فوٽ تي ٺاهي وئي آهي، 300 ڪمپيوٽر ليب، واش روم، ڪيفيٽريا شامل آهن: گورنر

هڪ سال جو ڪورس پاڪستان ۾ ڪروڙين ڊالرز آڻيندو، هي ڪورس نوجوانن لاءِ اميد جي روشني آهي

ساڍا 4 لک ٻار ٽيسٽ پاس نه ڪري سگهيا، انهن کي آن لائن سکيا ڏني ويندي، سمورن شاگردن کي اي ميلون به موڪليون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري گورنر هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي 6 فيبروري کان آئي ٽي ڪلاس شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آئي ٽي يونيورسٽي 24 هزار اسڪوائر فوٽ تي ٺاهي وئي آهي، آئي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ميهڙ ۾ بدامني تي ضابطو اچي نه سگهيو، موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ بدامني تي ضابطو اچي نه سگهيو نامعلوم هٿيار بند ڌاڙيل ڪان ون ٽو فاءِ موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي هٿيار بندن فائرنگ ڪري نصيرآباد واسي صدر الدين ٻبر کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمي کي تعلقي اسپتال ميهڙ آندو ويو جتي سندس حالت گنڀير ڄاڻائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين ۾ جي ڊي اي جي اميدوار جي حق ۾ جي يو آءِ جون ڪارنر گڏجاڻيون

جماعت جا ڪارڪن جا ڪارڪن اليڪشن ۾ ڊي اي اميدوارن کي ووٽ ڏين: مولانا گل حسن

سنڌ ۾ اينڊڙ حڪومت جي ڊي اي جي جڙندي، پ پ جيڪي سنڌ ۾ ڪم ڪيا آهن سامهون آهن: جي ڊي اي اڳواڻ

سنڌ جو باشعور عوام هن ڀيري پنهنجي ووٽ جي طاقت سان ڪين رجيڪٽ ڪندو: جلسي ۾ مقررين جو خطاب

گلاب لغاري (رپورٽر: گلزار لغاري) بدين هڪ اين اي 222 تي نامزد جي ڊي اي جي اميدوار مير حسين بخش ٽالپر ۽ پي ايس 68 تعلقي ماتلي جي اميدوار منصور نظاماڻي جي حمايت ۾ جي يو آءِ پاران گلاب لغاري ۾ ڪارنر گڏجاڻي ۽ ڳوٺن ۾ دورو ڊورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گلاب لغاري: جي ڊي اي ۽ جماعت اسلامي جي ڪارنر گڏجاڻي جو ڏيک

خانپور ۾ ڦورن جو پوليس سان مقابلو، هڪ ڌوهاري مارجي ويو، 2 فرار

مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ نواب سعدخاناڻي جتوئي طور ٿي آهي: پوليس

روڊ تي گاڏين کي روڪي ڌوهاري ڦر ڪري رهيا هئا گشت ڪندڙ پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿيو: ايس ايڇ او

مارجي ويلن ڌوهاري جو لاش شڪارپور اسپتال پيل، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

خانپور (رپورٽ: عتيق ابڙو) خانپور انڊس هاءِ وي روڊ مختيارڪار آفيس پرسان ڦر ڪندڙ پوليس جو ڦورن سان مقابلو هڪ ڌوهاري فائرنگ ۾ مارجي ويو، هڪ زخمي ڌوهاري سميت 2 ڦورو فرار ٿي ويا، مارجي ويلن ڌوهاري جو لاش شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شڪارپور ۾ پ پ اميدوارن پاران پاور شو، سياسي ميڙاڪو، ڪيترائي ماڻهو شريڪ

ميڙاڪي ۾ رحيم آباد ۽ ڀرپاسي جي سومرا ۽ پهوڙ برادري ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پ پ اميدوارن جي مقابلي ۾ ڌوهارين، چورن ۽ لوفرن جا ساٿاري ۽ سهولتڪار بيٺل آهن: عقيل عباس

اسان جو مقابلو ڪندڙن هميشا دهشت ۽ خوف جي سياست ڪئي آهي: شبير علي بجارائي

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) خانپور ۾ عقيل عباس سومرو جي ميزباني ۾ پ پ اميدوارن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور: پ پ اميدوارن پاران ڪرايل جلسي ۾ مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

رتوديرو پرسان نينگري پاران بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو پرسان 14 ورهين جي نينگري پاڻ کي بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻي ايس وارڊنٽو ماڇي ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺاڻن جو قتل جون ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدار اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان کي حراسان ڪري رهيا آهن: مظاهرين

اسان جي ڀاءُ غلام محمد ڪنڌاڻي کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو هو جنهن جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ تصديق پڻ ٿي آهي

جوابدار ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ اسان کي پريشان ڪري رهيا آهن، هنن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ب ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ عبدالڪريم ڪنڌاڻي جي رهواسين بشير احمد ڪنڌاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺاڻا ڀاءُ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سوشل ميڊيا، پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي جعلي خبرون هلي رهيون آهن: محمد نواز شيخ

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻي جي نائب صدر سردار محمد نواز شيخ پنهنجي رهائشگاهه تي ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مٽياري ۾ جي ڊي اي جي اميدوار سيد حاجي جلال شاهه جاموٽ جي مان ۾ ڳوٺن ۾ شاندار ميڙاڪا

ڪائونسل حسين هنگورو يونين ڪائونسل نوبت مري جي مختلف ڳوٺن ۾ شاندار ميڙاڪا منعقد ڪيا ويا

پير سيد مڪرم شاهه وڏيرو يوسف هنگورو، وڏيرو علي ڏاهري، سيد افضل شاهه سيد گلزار شاهه ۽ ٻين پاران شرڪت

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ۾ جي ڊي اي اميدوار سيد حاجي جلال شاهه جاموٽ جي مان ۾ يونين ڪائونسل اڏيرو لعل يونين ڪائونسل حسين هنگورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين ۾ ايجوڪيشن ورڪس کاتي پولنگن جي ڪروڙين روپيا ٽينڊر هڙپ ڪري ڇڏيا

بدين جي 13 اسڪولن ۾ 8 فيبروري تي ٽينڊر ڇونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن

اسڪولن جي مرمت ۽ واش رومز جي سهولت ڏيڻ لاءِ حڪومت طرفان آيل نو ڪروڙ روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا آهن

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) ايجوڪيشن ورڪس کاتي بدين پولنگن جي نالي نڪون ڪروڙ روپيا بنا ٽينڊر جي هڙپ ڪري ڇڏيا خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز ۾ چورن جو آزارو وڌي ويو، 5 دڪانن مان لکين روپين جي چوري

چوري جي واردات ڏسي چوڪيدار ۽ پوليس جي اچڻ تي چورن فائر ڪندا فرار ٿي ويا

چورن دڪانن مان ڪپڙا، چپلون سگريٽ ۽ ٻئي سامان سيت پئسا چوري ڪري فرار ٿي ويا: متاثر

چوريون واپس ڪرايون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: دڪاندارن جو چوڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهرو فيروز شهر ۾ چورن جو آزار وڌي ويو هڪ ئي رات ۾ پنجن دڪانن جا تالا ٽوڙي چور لکين روپين جو سامان ۽ نقدي چوري ڪري فرار ٿي ويا شهر جي مک حبيب چوڪ تي چوري جي واردات ڏسي چوڪيدار ۽ پوليس اهلڪار هڪلون ڪيون ته چور سڌا فائر ڪندي ديده دليري سان فرار ٿي ويا، دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن خالد عباسي ۽ وزير وڳڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ ميونسپل عملي ڊي سي چوڪ تي لڳل اميدوارن جا بينر ۽ پينا فليڪس لاهي ڇڏيا

گولاڙچي روڊ ۽ شاهنواز چوڪ، قاضيا واهپل، مهراڻ چوڪ پولن ۾ ٽنگيل جهنڊا بينر وغيره نه لاٿا ويا

شهرين طرفان تمام گهڻي شڪايت آهي ته شهر ۾ لڳل ڪيمپن ۾ اسپيڪرن جو آواز تمام وڏو هوندو آهي: ملازم

لائوڊ اسپيڪرن جي وڏي آواز تي پڻ پابندي لڳائي وڃي، شهر پريشان رهن ٿا: شهري

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) ۾ اليڪشن ڪميشن طرفان مليل حڪم بعد ميونسپل عملي ڊي سي چوڪ تي لڳل اليڪشن اميدوارن جا بينر بينافليڪس لاهي ڇڏيا تفصيل موجب اليڪشن ڪميشن پاران هڪ ڏينهن اڳ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

قل پرسان ڪيترين ئي برادرين پ پ ڇڏي جي ڊي اي ۾ شامل

ڳوٺ پريا جي رهواسين عاقب خان جتوئي تي اعتماد جو اظهار ڪندي پ پ کي الوداع ڪيو

5 فيبروري تي ڳوٺ ۾ جي ڊي اي جي قيادت جو هڪ وڏو پروگرام ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽر) قل پرسان ڳوٺ شاهه محمد لغاري جي رهواسي غلام محمد لغاري (ديشي) ۽ ڳوٺ پريا جي رهواسين دين محمد پريو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز ۾ عاقب جتوئي ۽ ٻين چونڊ هلائي، ڪيترين ئي برادرين جي ڊي اي ۾ شامل

پ پ وارا نوشهرو فيروز ۾ منهن ڏيکارڻ جهڙا ناهن، هنن عوام سان وڏيون جنيون ڪيون آهن: عاقب جتوئي

8 فيبروري کان اڳ ئي هتي تڏا ويڙهڻ تي ويٺي آهي، ڌانڌلي جي ڪوشش تي ته اسان سخت مزاحمت ڪنداسين

ڳوٺ ميرل تگڙ، گل محمد تگڙ ۽ ڳوٺ جان محمد تگڙ سميت برادرين پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) جي ڊي اي اڳواڻ عاقب خان جتوئي ۽ جي يو آءِ ضلع امير مولانا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

نوشهرو فيروز: جي ڊي اي اڳواڻ ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ ڊويزن طرفان علي نواز قاسمي جي ڀاءُ کان ڦر خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ ڊويزن طرفان پي ايس ٽي سنڌ جي سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي جي ڀاءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گورنر سنڌ ترميمي آرڊيننس 2024 جي منظوري ڏئي ڇڏي

گورنر جي صحيح ڪانپوءِ اهو فوري طور تي سڄي صوبي ۾ لاڳو ٿي ويندو

آرڊيننس تحت ماڻهو گهر ويٺي بورڊ آف روينيوٽ پنهنجون درخواستون يا دستاويز آن لائن جمع ڪرائي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري رجسٽريشن (سنڌ ترميمي) آرڊيننس 2024 جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، سنڌ جي گورنر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽي ۾ ڊي اي او پاران پبلڪ پرائمري ڪلسٽر اسڪول مڪلي جو اوچتو دورو

ڊي اي او پرائمري پاران ٺٽي ضلعي جي 100 کان وڌيڪ اسڪولن جو اوچتا دورا ڪيا ويا

دورن وقت اسڪولن ۾ استادن جي غيرحاضر رهڻ تي ڪين شوڪاز نوٽس ڏنا ويا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) ٺٽو نظام الدين ڪڏائي پاران گورنمينٽ پبلڪ پرائمري ڪلسٽر اسڪول مڪلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽ ڊي اي او پرائمري اسڪول جي وزٽ دوران شاگردن سان ڳالهائيندي

نوشهرو فيروز ۾ عورتن جو پوليس جي ظلمن خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس اسان جي گهرن ۾ چارديواري جو تقدس پائمال ڪري اسان جو مردن کي گرفتار ڪيو آهي: عورتون

اسان کي شڪ آهي ته اسان جي مردن کي ڪوڙو ڊرامو ڪري هاف ڦراٽي ڪيو ويندو، انصاف ڪيو وڃي

اسان جو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي نوشهرو فيروز کي اپيل آهي ته اسان جا مرد آزاد ڪيا وڃن: مطالبو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان مجر شهر جون عورتون حفيظان وسطڙو سندس ڌيءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهرو فيروز: عورتون پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيون آهن

چونڊون ملتوي ٿيڻ واريون افواهون دم ٽوڙي چڪيون آهن، عوام اسان سان گڏ آهي: نثار کهڙو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جي وضاحت سان چونڊون ملتوي ٿيڻ واريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان ۾ مختلف برادري جي ماڻهن انگ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

مختلف برادري جي عاشق علي مزاري، حسنين علي مزاري ۽ ٻين پاران جيئي سنڌ محاذ شموليت اختيار ڪري ڇڏي

جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت ڪندڙ تمام برادرين جي ماڻهن کي ويلڪم ڪريون ٿا: سليمان ٿهيم

جيئي سنڌ محاذ طرفان ٻابي جو اعلان ڪندي صدر عاشق علي مزاري، نائب صدر مظفر علي مزاري مقرر ڪري ڇڏيو آهي

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر) ٽنڊومحمدخان ۾ مختلف برادري جا ماڻهن پاران وڏي انگ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي خبر موجب جيئي سنڌ محاذ جي ضلعي صدر ايوب ڪوريجو ۽ سليمان ٿهيم جي قيادت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪنڊيارو ۾ سياسي دنگل آخري مرحلي ۾ داخل، جي ڊي اي جي ڪئمپ تي چونڊ مهم حوالي سان تياريون جاري

جلسي جون تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون آهن، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ڪئمپ تي ايندو جتي جلسي کي خطاب ڪندو: جهان خان

ڪنڊيارو ۾ جي ڊي اي اڳواڻن جهان خان چانڊيو، رئيس ڏنو خان چانڊيو ۽ ٻين تياريون تيز ڪري ڇڏيون

جلسي ۾ عوامي سمنڊ هوندو، ڪنڊيارو ۾ پ پ ۽ جي ڊي اي اميدوارن ۾ اليڪشن حوالي سان ڪانٽي جو مقابلو آهي

ڪنڊيارو (رپورٽر محرم علي ملاح) ڪنڊيارو شهر ۾ سياسي دنگل آخري مرحلي ۾ داخل اڄ شهر ۾ جي ڊي اي جي ڪئمپ تي چونڊ مهم جي حوالي سان ذوالفقار مرزا جي رکيل جلسي جون تياريون جاري مرزا حامين شهر ۽ مختلف هنڌن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪر جي صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران 172 هين ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي

6 مهينا گذري ويا آهن سڪر پوليس جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي: اڳواڻ

سڪر (بيورو رپورٽ) سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

تنڊو محمد خان ۾ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي پاس جو پ پ اميدوارن کان مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو

پنهنجي حلقن مان ڪاميابي ماڻڻ بعد اسان جي ايس اين اي منظور ڪرائي وڃي، نوجوانن کي روزگار ملي سگهي: اميدوار

پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن سيد نويد قمر سان ملاقات، مسئلا حل ڪرائڻ جي خاطري

نوجوانن جي وفد مير آزاد ٽالپر، ڪامران راجپوت، خالد خاصخيلي جمشيد سومرو جي اڳواڻي ۾ پ پ اڳواڻ سان ملاقات ڪئي

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر) ٽنڊومحمدخان ضلعي جي پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي پاس ويٽنگ اميدوارن جو پاڪستان پيپلز پارٽي قومي ٽڪ اين اي ۽ صوبائي ٽڪ تي بيٺل اميدوارن کان ووٽ عيوض پنهنجا جائز مطالبا حل ڪري ڏيڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نئون ديرو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 14 هين سالگرهه تقريب منعقد ڪئي وئي

سالگرهه ۾ فريال ٽالپر، سهيل انور سيال، سردار اسد کهڙو اعجاز لغاري، غلام مصطفي لغاري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

برسات ۽ ٻوڏ دوران سيني وڏي محنت ڪري متاثرن جي ڀرپور نموني امداد ڪئي، پ پ جو منشور عوام جي خدمت ڪرڻ آهي: فريال ٽالپر

پارٽي ميرٽ تي روزگار فراهم ڪيا آهن 30 لک گهر ٺهرايا ويندا جن جا مالڪاڻا حق عورتن کي ڏنا ويندا: سالگرهه تقريب ۾ خطاب

نئون ديرو (رپورٽر: شاد محمود ڀٽو) شهيد محترمه بينظير ڀٽو سٽيزن ڪلب نئون ديرو جي 14 هين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ديرو: فريال ٽالپر ٻيا محترمه بينظير ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

ڄهمپير پرسان ڊرائيور خان محمد سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

ٺٽو (ب ر) ڄهمپير لڳ ڳوٺ علي محمد سومرو جو رهواسي ڊرائيور خان محمد سومرو ڪجھ وقت بيماري ۾ رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو. هوڏانهن ڪوهستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪمشنر سکر جو ڊيف ريچ اسڪول جو دورو

ڊيف ريچ اسڪول جو پرنسپال ۽ سنڌس ٽيم تمام سٺو ڪم ڪري رهي آهي: ڪمشنر

ٻارڙن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون رهن، ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي ڊيف ريچ اسڪول سکر پهچي اسڪول جو دورو ڪيو ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ آزاد اميدوار جو ڀٽو برادري پاران ڪوٺايل ڪارنر گڏجاڻي ۾ پهچڻ تي شاندار استقبال

گڏجاڻي ۾ ڀٽو، قريشي، ملڪاڻي، جماڻي، سولنگي، مهر، شيخ، پٺاڻ برادري ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي

اليڪشن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ انشاالله ٿرمل پاور جو ڦيٿو ڪم شروع ڪري ان کي اسٽارٽ ڪنداسين: انيل ڀٽي

ٿرمل پاور پلانٽ ۽ سکر کي سياحتي مرڪز بڻائڻ ۽ نوجوانن جي روزگار ۽ سکر جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو ويندو: ريلي ۾ ڳالهيون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) صوبائي اسيمبلي جي ٽڪ پي ايس 24 جو آزاد اميدوار سردار الاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

گورنر سنڌ پاران هفتيوار نگار جي اشاعت کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي گورنر هائوس ۾ تقريب

ڪراچي (رپورٽر: باغي ساگر ڀهنوار) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري هفتيوار نگار جي اشاعت کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي گورنر هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

ڪنڊيارو جي حد ۾ 32 پولنگ اسٽيشنون حساس ۽ 16 انتهائي حساس قرار

حساس پولينگن تي آرمي مقرر، سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون، اليڪشن جي ڏينهن سيڪيورٽي انتظامات سخت هوندا

انتهائي حساس ۽ حساس پولينگن تي پوليس سان گڏ آرمي جا جوان مقرر هوندا ۽ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون

اليڪشن آخري مرحلي ۾ داخل تاڻي جي حد ۾ ٽوٽل 32 پولينگ اسٽيشنون قائم ٿينديون: ايس ايڇ او

ڪنڊيارو (رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪنڊيارو ٿاڻي جي حد ۾ ٽوٽل 32 پولنگ اسٽيشنون جن ۾ ٿائون ڪميٽي ڪنڊيارو جي حد ۾ ڄڻ پولنگ اسٽيشن سميت 16 پولنگون انتهائي حساس ڪرار انتهائي حساس ۽ حساس پولنگن تي آرمي مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين ۾ اڳوڻي ايس ايس پي علي احمد جوڻيجو پاران پ پ جي حمايت جو اعلان

ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جا اسان جي خاندان مٿان احسان آهن: علي احمد جوڻيجو

ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي بعد سنڌ ۾ گرفتار ٿيندڙ چند ڪامورن ۾ منهنجو پيءُ ۽ انڪل ٻئي شامل هئاسين

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) اڳوڻي ايس ايس پي علي احمد جوڻيجو پيپلزپارٽي جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو برادري کي پيپلزپارٽي اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 02 فيبروري 2024ع

اليڪشن جي جمهوري عمل ۾ خلل وجهڻ جون ڪوششون

عام چونڊون هڪ هفتي جي وڇوٽيءَ تي آهن ته اليڪشن واري جمهوري عمل ۾ رخني وجهڻ، خوف ۽ ڌڪاءُ پيدا ڪري سياسي ڌرين کي اليڪشن مهم هلائڻ کان روڪڻ ۽ تخريب ۽ دهشت جي ڪارروائين سان ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اليڪشن ۾ بيٺل اميدوارن تي حملا ڪيا پيا وڃن. باجوڙ ۾ قومي اسيمبليءَ جي آزاد اميدوار ريحان زيب کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو آهي. جيڪب آباد ۾ ميان محمد سومري جي قافلي تي فائرنگ ڪئي وئي آهي. فيض گنج ۾ ورڪ دوران پ پ جي قافلي تي حملو ڪيو ويو آهي. ڪراچيءَ ۾ سياسي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي. بلوچستان جي امن امان جي حوالي سان پڻ ڳڻتيءَ جوڳيون رپورٽون آهن. ڪوئيٽا ۾ پ پ اميدوار علي مدد جي اليڪشن ڪئمپ تي حملو ٿيو آهي. قلا عبدالله ۾ اي اين پي جي اليڪشن ڪئمپ تي حملو ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن اڄ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي صورتحال تي ويچارڻ لاءِ اجلاس سڏائي ورتو آهي. ڪالهه آرمي چيف جي صدارت ۾ ٿيل ڪور ڪمانڊرز جي اجلاس ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو آهي ته، ڪنهن به سياسي سرگرميءَ جي نالي تي، تشدد جي اجازت نه ڏني ويندي. فوج آئيني مينڊيٽ ۽ اليڪشن ڪميشن جي هدايتن مطابق فرض سرانجام ڏيندي رهندي.

جيئن جيئن اليڪشن ويجهي پئي اچي، تيئن تيئن تخريب ۽ دهشت جي ڪارروائين ۾ واڌ ايندي وڃي. جمهوريت سان ازلي وير رکندڙ قوتون ڌڪاءُ پيدا ڪري سياسي ڌرين کي اليڪشن کان پري رکڻ چاهين ٿيون، اهڙي ريت، جيئن انهن 2018ع وارين چونڊن دوران ڪيو هو. ان کان اڳ مشرف دور ۾ 2007ع وارين عام چونڊن جي اليڪشن مهم دوران پ پ کي آزاداڻي نموني اليڪشن مهم هلائڻ نه ڏني وئي، ڪارساز ۾ ڌماڪا ڪيا ويا، راولپنڊيءَ ۾ محترما بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو. اي اين پي کي چونڊ مهم هلائي نه سگهي. هن وقت به اهي ڌريون چاهين ٿيون ته ماڻهو چونڊن واري عمل کان پري رهن. ان ڪري ئي ڪجهه ڏينهن کان منظم رٿابنديءَ سان سياسي ڌرين کي نشانو بڻايو پيو وڃي. سيڪيورٽي فورسز تي حملا ٿي رهيا آهن. ڌماڪا ڪري ماڻهن کي قتل ڪيو پيو وڃي. ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته، ملڪ ۾ دهشتگردن جون نرسريون آهن. جتان دهشتگرديءَ جي رٿابندي ۽ تڪميل ٿيندي رهي ٿي. هتي دهشتگرد قوتن جا سهولتڪار به موجود آهن. جيڪي انهن جي ڪم کي سهل ڪرڻ ۾ رڌل آهن. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته. دهشتگردي عالمگير حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي. هن وقت ڪو به دهشتگرد گروهه اڪيلو ڪارروايون نٿو ڪري، اهو مربوط رابطہ ڪاريءَ جي وسيلي ڪنهن نه ڪنهن عالمي نيٽ ورڪ سان سلهاڙجي چڪو آهي. ان ڪري ڪنهن به واقعي کي محض مقامي تناظر ۾ ڏسڻ به درست نه آهي. جڏهن به ڪو دهشتگرديءَ جو واقعو ٿئي ٿو ته ان ۾ هڪ واضح پيغام هوندو آهي ۽ سيڪيورٽي ادارا ان کي "ڊي ڪوڊ" ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

اليڪشن پرامن ماحول ۾ ڪرائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن. اليڪشن مهم جي اجتماعن ۾ اليڪشن جي اميدوارن ۽ ڪارڪنن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن عوام جو اعتماد بحال ٿي سگهي ۽ خوف هٿان يرغمال بڻجڻ بدران اهي بنا ڪنهن دٻاءَ جي آزاديءَ سان ووٽ ذريعي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊي سگهن. اهو صرف تڏهن ممڪن آهي، جڏهن ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جي نيٽ ورڪ خلاف فيصلائتي ڪارروائي عمل ۾ اچي سگهندي. دهشتگردن جي نرسرين کي ختم ڪرڻو پوندو. اسان ملڪ ۾ وڌندڙ تشدد جي لهر تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ٿا ڪريون ته امن امان جي صورتحال جي سنگينيءَ جو ادراڪ ڪندي ترت قدم کنيا وڃن. سياسي ڌرين کي به سهپ ۽ سياسي تدبر کان ڪم وٺڻ گهرجي ته جيئن پرامن ماحول ۾ چونڊون ممڪن بڻجي سگهن. چونڊن واري عمل ۾ ڪنهن به صورت ۾ رخنو پوڻ گهرجي.

خيربخش مري (جرنيل شيروف) جي لازوال جدوجهد

طفيل مگسي

بلوچستان جي پٿريلي پهاڙن، حسين وادين ۽ برپٽ ميدانن کي ڏٺو وڃي ته هر پٿر، هر ريتي جي داڻي ۽ گل ٻوٽن کان مزاحمت جي خوشبو اچي ٿي. پرتيگيزين کان وٺي انگريزن ۽ پوءِ انهن جي موجوده قابض نسل تائين بلوچن هر ٻاهرين ڪاهه ڪرڻ واري جي خلاف مزاحمت ڪندي پنهنجي وطن جي چاتي کي رت جي خوشبو سان خوشبودار ڪيو آهي. جيڪا جدوجهد اڄان به جيئن جو تيئن جاري آهي ۽ موجوده بلوچ تحريڪ کي نئين نيشلزم جي صورت ڏيڻ ۾ هڪ عظيم انقلابي انسان جي جدوجهد ڪارفرما رهي آهي. همت، جرئت، ثابت قدمي، ارڏائپ ۽ شعور ۽ عقل جو مالڪ اهو شخص خيربخش مري عرف (جرنيل شيروف) هو، جنهن جي رت ۾ سندس انقلابي ڏاڏي جو رت شامل هو، سندس ڏاڏي جو نالو به خيربخش مري هو. بلوچستان ۾ برطانيا جي انگريزي لاٽ سبيءَ ۾ تڏهن جي بلوچ سردارن کي پنهنجي بگي (ٽانگي) کي ڇڪي ڪري ريلوي اسٽيشن تائين پهچائڻ جو حڪم ڪيو ته ان خيربخش مريءَ پنهنجي تلوار ڪڍي ڪري بگي ڇڪڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ وري پنهنجي قبيلي منجهان انگريز سرڪار کي سپاهي ڏيڻ کان انڪار ڪندي مزاحمت جو جهنڊو بلند ڪيو. هڪ چوڻي آهي ته دنيا جا انساني دماغ ۾ ٽيئن ٿا. انقلابي ڏاڏي جي حريت پسند هوندي خير بخش مرينہ صرف بلوچن جي لاءِ بلڪ سمورين محڪوم ۽ مظلوم قومن جي لاءِ هڪ اهڙو مثالي ۽ لازوال ڪردار رهيو آهي ته جيڪو تا قيامت تائين ڪنهن کان وسري نٿو سگهي. برصغير ۾ بينڪيتي مسئلن ۽ سياست جي ڄاڻ خيربخش مري کان وڌيڪ شايد ئي ڪنهن کي رهي هجي. جيڪڏهن ڪو پختون، بلوچ هن خطي جي بينڪيتي مسئلن جو مطالعو خيربخش مري کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ بنا ڪري ٿو ته هن جو اهو مطالعو سدائين بيڪار ۽ ناممڪن رهندو. اشتراڪي فڪر جو انس رکندڙ اهو بلوچ قومپرست اڳواڻ پاڻ ۾ هڪ درسگاهه هو. جيستائيڪ شروعات ۾ هو پارليماني سياست جو حصو رهيو. سٺ جي ڏهاڪي ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر به ٿيو ۽ پوءِ 1970ع وارين چونڊن ۾ به حصو وٺي ڪري ڪامياب ٿيو. مگر بلوچ قومي سوال تي ان جو موقف پارليامان ۾ به ڪڏهن نرم نه ٿيو ۽ 1973ع جي استحيالي آئين تي صحيون نه ڪيائين.

النساس مختلفون احوالهم
وابن الربيع علي طريق واحد

فاشسٽ ڀٽو پختونن ۽ بلوچن جو ناقابل فراموش ۽ ناقابل معافي ڏوهاري آهي. خان عبدالغفار خان ۽ ولي خان جيان نواب مري به ڀٽو جي ظلمن جو نشانو بڻيو. غوث بخش بزنجو، ولي خان ۽ نيپ جي ٻين اڳواڻن سميت جيل ۾ وڌا ويا. ۽ بلوچستان تي آپريشن ڪري بلوچن جي ڌرتيءَ کي سندن رت سان رنگي ڇڏيو. نه صرف اهو بلڪ ان نام نهاد جمهوريت پسند ڀٽيءَ بلوچن جي لاشن کي مٿان شاهه ايران جي موڪليل هيلي ڪاپٽر ۾ وجهي ڪري فضا کان هيٺ ڦٽو ڪيائين. وسنديون بمباري ڪري مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ڪيون ويون. مال وملڪيت کي مال غنيمت سمجهي ڦريو ويو ۽ هزارين ڌرتي ڌڻي پنهنجن علائقن کان ٻين علائقن ۽ افغانستان ڏانهن لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيا ۽ ڪجهه سالن کانپوءِ خير بخش مري جيل کان آزاد ٿيو پنهنجي قبيلي جي ماڻهن سان گڏ افغانستان هليو ويو.

پاڪستان جي بينڪيتي پاليسين جي خلاف سخت ترين موقف اختيار ڪري ڇڏيو ۽ بلوچستان جي آزادي کان گهٽ ڪنهن ٻي ڳالهه کي سختي سان رد ڪيو. ان دوران هو بلوچن جي زبردست سياسي تربيت ۽ اڳواڻي ڪندو رهيو. نواب مري سان جيل توڙي افغانستان ۾ رهندڙ پختون نيشلسٽ اڳواڻ افراسياب خٽڪ پنهنجي هڪ انگريزي ڪالم ۾ لکي ٿو ته "حريت پسند نواب مري کي افغانستان به برداشت نه ڪري سگهيو."

جيڪڏهن اڄ اٽڪل هر تعليم يافته بلوچ پنهنجي قومي مزاحمت جي حوالي سان گڏيل قومي موقف تي ذهني ۽ عملي طور تي ڪليئر آهي ته ان ذهني تربيت ۾ سڀ کان اهم ڪردار خيربخش مري جو آهي. جنهن اهو سمجهيو ته بلوچ رياست کي لالچون ڏئي ڪري هن کي جهڪايو ويندو ته اها رياست جي سڀ کان وڏي ڀل آهي. ان جي تاريخي تربيت ۾ بابا مري جي صورت ۾ هڪ اهڙي مرد قلندر جو هٿ آهي. جيڪو پنهنجي عمل ۽ فڪر ۾ بلوچستان جو فيتن به هو هن جا سارتر به هئا ۽ هن جا چي گويرا ۽ فيڊل ڪاسترو به هئا. اسٽڊي سرڪل ۽ ٻين سياسي محفلن جي وسيلي هن سڌو سنئون هڪ مڪمل نسل جي پرورش ۾ قومي جو ڪردار ادا ڪيو. بلوچن کي سياسي شعور ۽ بي انتها ڄاڻ ڏنائين. هر بلوچ نوجوان جي دل کان بزدلي وارو خوف ڪڍي ڪري انهن ۾ روح باغي ڦوڪيائين. بقول ممتاز اورڪزئي جي ته.

رهه به اورڪزم داسي به قبضا عام ڪزم
د ډار به خارڪي به باغي باغي لهجا عام ڪزم

پنهنجي جگر جي ٽڪري بالاچ کي بندوق هٿ ۾ ڏئي بلوچستان جي آزادي جي لاءِ پهاڙن جو رستو ڏيکاريو ۽ پوءِ ڇاتي تاڻي ڪري پنهنجي شهيد پٽ جي لاش کي وصول ڪيائين. ترقي واري پيڪيجز کي هن پن خيرات، غلامي جون زنجيرون ۽ سامراجي هٿڪنڊا قرار ڏنو ۽ بلوچن کي انهن هٿڪنڊن کان بچڻ جو سبق ڏنائين. چين جا ڳڻ ڳائڻ وارن پاڪستانين جي پاڪستان جي هر اٿندڙ هٽ جي پٺيان پنجاب ئي هوندو آهي. "چاهي اهو هٽ ڀٽو جي شڪل ۾ هجي. ايوب ۽ مشرف جي شڪل ۾ هجي: "هن جو اهوئي فڪر هو جنهن هن کي مزاحمت ڪندڙن ۾ سڀ کان ممتاز بڻايو هن بلوچ قوم جي سامهون سامراج جي سمورن ادارن جي کليل ڪتاب جيان سامهون رکي ڇڏيو.

افراسياب خٽڪ وڌيڪ لکي ٿو ته.

"جڏهن 1976ع ۾ اسان کي حيدرآباد جي جيل ۾ پٽي قيد ڪيو ته اسان جي وڪيل نواب محمد قصوري قانوني ڪاروائي جي لاءِ آيو. سيني سان هن هٿ ملايو. نواب صاحب ڏور ويٺو هو. قصوري صاحب چيس.

"نواب صاحب توهان تمام پري ويٺو آهيو". "نواب مريءَ فورن وراڻيو. "قصوري صاحب پنجابين جا هٿ تمام ڊگها هوندا آهن: "توهان خيربخش مري عرف (جرنيل شيروف) جهڙو عظيم انسان برصغير جي تاريخ ۾ وري جنم نه ڏنو. نواب مري سرزمين بلوچستان جو اهڙو حقيقي سردار هو. جنهن ڊڪٽيٽر مشرف جي اربين روپين جا پيڪيجز خيرات قرار ڏئي ڪري واپس سندس منهن تي هنيا. بقول عربي شاعر جي ته.

مضت الدهور وما اتين بمثلہ
ولقد اتي فعجزونعن نظرانہ

زمانا گذري ويا. مگر هن جو مثال نه آيو. جڏهن هو آيو ته زماني جي ماءُ هن جي مثال آڻڻ کان لاچار رهي :::

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوئي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِڇي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

ڇا هاڻي به پي ڊي ايم جي طرز جي حڪومت نهندي؟

تحرير: رياض ابڙو

اسان وٽ اهو سياسي لاڙو رهيو آهي ته هڪڙي پارٽيءَ کي ڇڏي ٻي پارٽيءَ کي ووٽ ڪجي. جيڪي پارٽيون اوتيل، پوتيل ۽ ڏوتل سياسي ۽ مذهبي پارٽيون آهن. انهن سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي آزمائي آزمائي نسل هليا ويا پر ڪا تبديلي ناهي آئي. ان ڪري هيل انهن پارٽين کي ووٽ نه ڪيس پر سوال اهو به آهي ته جي انهن پارٽين کي ووٽ نه ڪيون ته پوءِ ڇا ڪيون؟
هاڻي وري نئين پاڪستان جي نعري تحت عمران خان کي ووٽ ڪيون. پر اهڙو ووٽ به ڪري ڏٺوسين. ڪو ڪرٽيل نه نڪتو وري زرداريءَ جي پارٽيءَ کي ووٽ ڪري ڏٺوسين ڪجهه نه وريو جو اڃان تائين ماڻهن کي روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جي لڳي پئي آهي. ماڻهن کي بنيادي سهولتون مهيا ناهن. مثال هيل تائين به شڪارپور شڪاگو نه ٿي، لاڙڪاڻو لنڊن نه ٿي سگهيو يا ميرن جا ڳوٺ مليشيا نه ٿي سگهيا. وري نيون آباديون به نيوزيلينڊ ٿي سگهيون. پر هاڻي جي نوازشريف کي ووٽ ڪيو ته ڦن اهو پاڪستان کي پيرس ڪري ڇڏي. ان ويچاري 1998 ۾ قرض اتارو ملڪ سنوارو جو نعرو ته ڏنو هيو پر ڪري نه سگهيس پر مصيبت اها به آهي ته نوازشريف هن ڀيري نه نابري واري ڇڏي آهي. چئي ٿو ته جي 9 مئي نه ٿئي هان ته ملڪ ترقي جي پل ٽپي هن پر هليو وڃي هان ۽ ملڪ مليرتي وڃي هان. پر هاڻي ڪجهه نه ٿيندو ۽ هي پاڻ مڃي ٿو ته هي هن ڀيري (نوازشريف) به وزيراعظم ٿين ناهي آيو جڏهن ته اها به حقيقت ڏسڻ ۾ ٿي اچي ته ڪورٽون، عدليا، ايوان، عسڪري ادارا، سياسي ۽ مذهبي پارٽيون، فوجي اسٽيبلشيمنٽ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ سمهت سڀ جو سڀ پارٽيون هڪ پيج تي آهن. اهي سياسي ڳُريلي پٽ سمجهن ٿا جيڪي عوام نه ٿو سمجهي. ۽ پيو ته اهي سڀ سياسي ۽ مذهبي پارٽيون ڪٿي لبرل پاڪستان جا عشق ڪٿي ووٽن واري ڏينهن نڪري ٿا پون ته ڪي مذهبي معاملو سوار ڪري اليڪشن جا رخ ٿا ڪن. اهي سمجهن ٿا ته واقعي انهن جي هٿ ۾ آهي ته اهي ووٽ سان انقلاب آڻي سگهن ٿا پر اهو فلسفو سمجهڻ جي اشد ضرورت آهي ته ووٽ سان رڳو سياسي پارٽين جي تبديلي ممڪن آهي، معني هڪ جو وارو ويو ۽ هاڻي ٻيو ايندو ۽ وري ٿيون ۽ ائين ئي معاملو هلندي هلندو رهندو.
حقيقت اها به آهي ته ساڳيا ماڻهو ئا آڏو اچن جنهن ڪري ووٽ ڪرانقلاب برپا نه ٿو ڪري سگهجي. رڳو اهو آهي ته هڪ اڳواڻ کي نندي ٻئي کي چوندي سگهجي ٿو هڪ کي ٻوٽي ڪري ٻئي کي عوام هرويرو ڪرسي آڇي سگهي ٿو، چونه عوامي طاقت رڳو ڪرسي مٽائي سگهي ٿي، سسٽم مٽائڻ رياست جي وس ۾ به ناهي. رياستي مهندار اهو سمجهن ٿا ته عوام ڪجهه به نه ٿو سمجهي. اهي اها ڳالهه پڪي ڪيون ويٺا آهن ته هن ڀيري نوازشريف ته ايندو. ان ڪري اهي سڀ پرزا ۽ ڪٽ ملڪ جي ملڪيتن وانگي رياست ۽ سياست تي به قابض آهن. هرو پور سياسي ضد ڪيون ويٺا آهن ۽ عوام چاهي ٿو ته سسٽم بدلي ڪجهه به هجي. ۽ عوام جي اڳوائي هاڻي نوجوان رت کي سرنهڻ گهرجي جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڪرپٽ ناهن. دنيا کي اهو نوجوان پنهنجي نظر سان ڏسن ٿا جيڪا رڳو نواڻ آهي. ان ڪري فرسودگي واري سياست به ختم ٿيڻ گهرجي، وري جيڪي به مومن مسلمان آهن اهي به اهو ٿا سمجهن ته ماضيءَ وانگي هيل به اسٽيبلشيمنٽ محبوبيت جو اعلان ڪري چڪي آهي رڳو اليڪشن نما سياسي نڪاح باقي آ ۽ رڳو 8 کان 9 فيبروري ٿيڻ جي دير آ ملڪ مليرتي ويندو.
جلسا "رينٽ آ ڪرائڊ" ٿي پيا آهن، معني ماڻهن کي ٽرانسپورٽ ڪري هڪ شهر مان ٻئي شهر ۾ آڻڻو ٿو پوي. ماڻهن کي اليڪشني خيراتي پٽ ڪارائي، مفت جي بسين ۾ چاڙهي، وڏيرا، شاهه سيد، ڪاروباري ماڻهو صنعتڪار، سرمائيدار انهن زرخريد ماڻهن کي طعنا مهڻا ڏئي. ووٽن جي اسٽيشن ڏانهن مرغوب ڪن ٿا ۽ ڪٽي سوپارو ٿا ڏين. وري ڪٿي ڪٿي مذهبي ۽ لساني عنصر به استعمال ٿئي ٿو جو ماڻهن کي اهو سمجهائن ته "هوجمالو" چئي الاترهار ڪيو ۽ ووٽ ڪيو پر حيرت اها به آهي ته جماعت اسلامي وارن سڌائين ڪراچي ۽ مهاجر واري سياست ڪئي آهي. جيئن ايم ڪيوايم تي زور پوندو آهي ته اهي به لساني سياست ڪندا آهن ٿيئن هاڻي مذهبي فيڪٽر سان گڏ لساني سياست به ڪن ٿا. سمجهن ٿا ته اهي هر طبقي جي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائي سگهندا ۽ ماڻهن ۾ جذبو ڀاري ماڻهن کان ووٽ وٺي سگهندا. پر ڪا به سياسي پارٽي عام ماڻهن جو ڪو به سطحي مسئلو حل نه ڪري سگهندي ۽ جنهن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ کان وٺي، نوڪريون، بجلي، گيس ۽ ٽرانسپورٽ جا نظام صحيح نه ڪري سگهندا، يا اندروني ۽ بيروني مسئلا به حل نه ڪري سگهندا.
پيپلزپارٽيءَ جو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تاثر الڳ الڳ آ. انهن بنهي هنڌن تي پارٽي جا مفاد به پيا رهندا آيا آهن. مثال ڳوٺن ۾ جيڪي به پير، وڏيرا، مير، شاهه، سيد ۽ ٽيڪنوڪريٽ آهن اهي پنهنجي لاءِ ٿين سڏي ڪرڻ جي لاءِ هران پارٽيءَ جي وڪالت ٿا ڪن. جنهن ۾ انهن جا پنهنجا مفاد آهن. اهي سمجهن ٿا ته انهن ٽيڪنوڪريٽس جي هيل دال گري ويندي پوءِ اهي هيئين ليول تي پنهنجي ليول سڏي ڪري انهن ابوجهه ماڻهن جي آڏو وڪالت به ڪري ويندا ته پيپلزپارٽي صحيح آ. وري جنهن جا مفاد نون ليگ ۾ آهن ته اهي نوازشريف جي مٽي تي هٿ رکي قسم کائڻ لاءِ به تيار آهن. جيڪي ايم ڪيوايم کي پنهنجو ٿا سمجهن ته اهي پوءِ لندن واري جي هيل واري صلاح به نه ٿا وٺن ته لغڙ وارا سڀ جا سڀ چور، فريبي، وڪائو ۽ مارڪيٽ جا وکر آهن. عمران خان پوءِ به صحيح آ. ان ڪري ته هيل ڪنهن ٻئي کي ووٽ نه ڪيو ۽ رڳو عمران خان کي ووٽ ڪيو لغڙ کي ووٽ نه ڪيو ۽ جي ڪيو ته انهن جي پنهنجي حلف يافتا ماڻهن کي ووٽ ڪيو. وري جنت جون ٽڪيٽون به ورهائجن ٿيون، پر جيڪي چاهن ٿا ته پاڪستان هيل به جنت ٿي ويندو جيئن 2018 ۾ ٿي ويو هيو ته هيل به اهي سڀ جو سڀ مذهبي پارٽيون پوءِ هڪ جهنڊي جي ڇانو ۾ اچي پاڪستان ۾ انقلاب آڻي سگهڻ جي قوت ساري سگهن ٿيون.
هڪڙي ٻي حقيقت به آهي ۽ جلسا ڪري دنيا کي واڌڙو ڪرڻو هوندو آهي ته پاڪستاني عوام هاڻي جمهوريت جي لاءِ آتو ويٺو آ رڳو رياست ڪنجوسائپ ٿي ڪري ته 700 ڪروڙ ڊالر جيڪي ٻارود جي دونهين ۾ سڙي ٿا وڃن اتي اليڪشن جا رڳو 52 ارب روپيا جي ويا ته ڇا ٿي پيو؟ ڪنهو عوام رياست کان اڪائونٽبلٽي ٿو گهري ۽ ڪنهن جو دم ناهي ته اهي سياست ۽ رياست کان سوال ڪن ته اهي ڪروڙين اربين روپيا ۽ ڊالر وڃن ڪاڏي ٿا؟ ڪهڙي ٻلاوِيلي آ جيڪا اهي ڊالر ۽ روپيا ڳهي ٿي وڃي. يا هاڻي 300 ارب جي "جي ڊي پي" واري ملڪ جا نوان نوٽ ايندا ته پهرين جيڪي 300 ارب روپيا مارڪيٽ ۾ اڳ ئي پيا آهن اهي ڪاڏي ويندا؟ يا جڏهن اهي پيسا ٻين ٿيندا ته زخيرا وڌي ويندا ته ڇا پوءِ مهانگائي ختم ٿيندي يا ڪجهه جهڪي ٿيندي؟
اهي سوال عوام ڪڏهن انهن اڳواڻن کان نه ٿو پڇي ته گرونُر (هاري) بک ٿو مري نه پر بروڪر (واپاري) سکيو ويٺو آهي، پوءِ اٽو سستو ٿئي يا مهانگو، فائدو ڪنهن کي ٿيندو آهي؟ اهي اليڪشن سان لاڳاپيل سوال ناهن. پر هنن سياسي پارٽين کي به انهن فرقن ۽ ورهائي ڪٿي جيڪي جنتون ۽ دوزخ ورهائن ٿا ڏين. عوام انهن کي هاڻي ڪرسي به ورهائي ونڊي ڏيندو عام تصور اهو به آهي ته عمران خان جي نفرت ۽ رياست ٻوٽيون حرام ۽ رهو حلال ڪيون ويلي آهي. اهي سمجهن ٿا ته بغض معاويه ۽ حب علي تحت اسٽيبلشيمنٽ هيل به پي ڊي ايم ۽ ڪرسيءَ کي خيراتي پٽ سمجهي ورهائيندي.

01 *** بقايا

گهرو کاتي جو اسپيشل سيڪريٽري، سيڪريٽري سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ، ڪمشنر ڪراچي، پوليس، رينجرز ۽ حساس ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سڄي سنڌ ۾ عام چونڊن دوران سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ ان حوالي سان ڪيل حڪمت عملي جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته رينجرز ۽ پوليس طرفان عام چونڊن دوران گڏيل فليگ مارچ ۽ اسنيپ چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ته جيئن ايندڙ ويندڙ رستن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ رينجرز جا دستا ڪوئڪ ريسپانس فورس ايريا ۾ مقرر رهندا. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته عام چونڊن جي حوالي سان صوبائي حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن پاران ڏنل حڪمن جي روشنيءَ ۾ قانون ۽ ضابطہ اخلاق جي مڪمل پاسداري کي يقيني بڻايو ويندو ۽ ڀڃڪڙي ڪندڙ عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

02 *** بقايا

آصف ڀٽو زرداري چيو ته محترمه بينظير ڀٽو عورتن جي حقن لاءِ وڙهي هئي، هوءَ خود مختياري لاءِ وڙهي، بينظير ڀٽو کي اسان کان جدا ڪيو ويو هن چيو ته مان بينظير جي ڌيءَ آهيان ۽ بينظير غريب جو آواز هئي. هاڻ مان ۽ بلاول توهان جو آواز بڻجنداسين. سندس چوڻ هو ته اسان ڏک سک ۾ توهان سان گڏ رهنداسين.

03 *** بقايا

ڪيس هتي هزارين ماڻهو آهن. 50 لک گهرن مان ڪنهن کي هڪ گهر به مليو؟ ووٽ ڏيڻ کانپوءِ توهان کي ڇا مليو؟ نئين پاڪستان ۽ تبديلي جي ڳولا ۾ توهان پراڻو پاڪستان به تباهه ڪري ڇڏيو. سندس چوڻ هو ته ٻڌايو اڄ ملڪ ۾ مهانگائي آهي يا نه؟ نواز شريف جو دور سٺو هو يا هي؟ اسان ڪوڙ ناهيون ڳالهائيندا، ايندڙ 5 سال به سچ ڳالهائيندس، توهان ن ليگ کي موقعو ڏيو ته خيبر پختونخواهه جي تقدير تبديل ڪري ڇڏينداسين.

04 *** بقايا

ڪوحل ڪري سگهي ٿو ته اهو مان آهيان، عوام کي خبر آهي ته پ پ ناهي جهڪندي، اسان سڀني قوتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر عوام جي حقن تي سوديبازي نه ڪنداسين. هن چيو عوام ڄاڻي ٿو ته پ پ اڪيلي جماعت آهي، جيڪا بلوچستان کي ان جو حق ڏياري سگهي ٿي، 18هين ترميم ۽ اين ايف سي تي مڪمل عملدرآمد ٿئي ها ته اڄ بلوچستان ۾ سازشون دم توڙي چڪيون هجن ها. سندس چوڻ هو ته اسان جي جماعت هڪ ڀيرو ڀيهر دهشتگردن جي نشاني تي آهي، اهو سمجهن ٿا ته مان ٻار آهيان ۽ ڊڄي پوئتي هٽي ويندس ته اها انهن جي ڀل آهي، سازشي ٽولي ۽ دهشتگردن پ پ اميدوارن تي ڪيترائي حملا ڪيا. انهن جي ليکي ته جيالا گهٻرائجي ويندا پر ائين نه ٿيو پ پ شهيدن جي، غيرتمندن جي جماعت آهي، جيڪا ڪنهن دهشتگرد سامهون نٿي جهڪي سگهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 8 فيبروري تي بلوچستان ۾ تيرن جي برسات ٿيندي، جيڪڏهن مان پارليامينٽ ۾ پهچي ويس ته عوام کي خبر آهي انهن جو آواز اٿاريندس. جيئن مان سنڌ ۾ 30 لک گهر ناهي حقدارن کي ڏئي رهيو آهيان، ائين ئي بلوچستان ۾ به گهر ناهي ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏيندس.

05 *** بقايا

وزير شاهه محمود قريشي خلاف سائفر ڪيس جو 77 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ عدالت لکيو آهي ته بنهي ڏوهارين ٻاڻمرادو مسئلا پيدا ڪيا، همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ بي يارو مددگار بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي، فيئر ٽرائل جو حق چالاڪ جوابدار لاءِ ناهي. عدالت چيو ته سائفر کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو ويو جنهن جو اثر پيو. عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير طور پنهنجي عهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن ڪري پاڪستان ۽ آمريڪا جي لاڳاپن کي نقصان پهتو فيصلي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهايو، اعظم خان جو بيان سچائي تي ٻڌل هو جنهن پراسيڪيوشن جي دليلن کي مضبوط بڻايو. سائفر ذريعي ٻين ملڪن سان رابطي واري نظام جي سالميت تي سوديبازي ڪئي وئي، سائفر واري معاملي سبب ٻين ملڪن سان لاڳاپا متاثر ٿيا جنهن جو دشمنن کي فائدو ٿيو عدالت چيو ته آمريڪا پنهنجي ردعمل ۾ ٿي پيرا چيو ته پي ٽي آءِ باني جو بيان حقيقت تي ٻڌل ناهي، آمريڪا ڪانپوءِ عمران خان ڪوڙ ڳالهايو ته سازش تحت سندس حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ پاڪ فوج کي نشانو بڻايو اعظم خان مئجسٽريٽ آڏو بيان ۾ چيو ته پي ٽي آءِ باني کي سمجهايو هو، آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي بابت به ڪيس آگاهه ڪيو هو، پر عمران خان ڪن لاٿار ڪندو رهيو ۽ جلسا ڏوٽي سوشل ميڊيا تي مهم هلائي عدالت چيو ته عمران خان وزيراعظم هو، هن پنهنجي عهدي جي به ڀڃڪڙي ڪئي، سائفر واري معاملي سبب ملڪ کي عالمي سطح تي سخت نقصان پهتو جنهن ڪري معيشت ڪمزور ٿي وئي، عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي خلاف سائفر ڪيس اوپن اينڊ شٽ ڪيس آهي. شاهدن موجب، شاهه محمود قريشي جلسن ۾ سائفر واري معاملي تي ماڻهن کي ورغلايو عمران خان ۽ شاهه محمود سائفر ڪيس ۾ پنهنجو پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا جڏهن ته پراسيڪيوشن بنهي خلاف سائفر ڪيس کي ثابت ڪري ڇڏيو آهي. عدالت جي تفصيلي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني سائفر پرڏيهي وزارت کي واپس نه اماڻيو. سائفر ڪيس 17 مهينن جي جاچ ڪانپوءِ داخل ڪيو ويو. جاچ مان ثابت ٿيو ته ڪيس دير سان داخل ناهي ڪيو ويو. وزيراعظم طور عمران خان جي ذميواري هئي ته سائفر واپس ڪري، پرڏيهي وزارت وزيراعظم کان سائفر واپس نه ٿي گهري سگهي. هنيئر تائين عمران خان سائفر واپس ناهي ڪيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ڪيس سائفر بابت آهي جيڪو پرڏيهي وزارت کي واشنگٽن کان مليو. سائفر انتهائي حساس دستاويز آهي جنهن سان آمريڪا، پاڪستان جو هڪ ٻئي تي ڀروسو به جڙيل آهي. 25 شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا پر صفائي وارا وڪيل غير سنجيدا نظر آيا. 27 جنوري تي صفائي وارا وڪيل غير حاضر رهيا، جڏهن ته سرڪاري وڪيل موجود هئا. لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي سرڪاري وڪيل سان بدتميزي ڪئي ۽ فائل اُڇلائي ڇڏيا، صفائي واري وڪيل عثمان گل، علي بخاري جي ٻهچڻ تي آڏي پڇا جي تياري لاءِ وقت ڏنو جڏهن آڏي پڇا جو چيو ته وڪلين انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ سرڪاري وڪيل آڏي پڇا ڪئي، پراسيڪيوشن نه رڳو شاهدن پر دستاويزن تي ٻڌل ثبوت پيش ڪيا. رڪارڊ تي اهڙو ڪجهه ناهي جنهن مان ثابت ٿئي ته پراسيڪيوشن جي شاهدن ۾ ڪوٽ رهجي وئي، عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جا مختلف وڪيل آيا، درخواستون ڏئي دير جا حربا استعمال ڪيا ويا، بنهي جي وڪيلن قانون کي مذاق بڻايو. ڪيس جي ڪاپين جي فراهمي ۽ فرد جرم تي بنهي صحيحون نه ڪيون، عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جو رويو عدالت ۾ اٽوٽڻو رويو اختيار ڪيس جج ابوالحسنات ذوالقرنين فيصلي ۾ لکيو آهي ته پي ٽي آءِ باني شاهه محمود قريشي 342 جا بيان ڏنا پر صحيح نه ڪئي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان اڳوڻي پرڏيهي وزير مان اهڙي رويي ۽ دير جي حربن جي اميد نه هئي، فيئر ٽرائل ڪيس ڏوهارين کي آڏي پڇا جو مڪمل موقعو ڏنو ويو پر ڄاڻي واڻي آڏي پڇا نه ڪئي وئي، ياد رهي ته سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ڪيل خاص عدالت به ڏينهن اڳ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه ۾ محمود قريشي کي سائفر ڪيس ۾ ڏهه ڏهه سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي.

06 *** بقايا

اڳهن ۾ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ دوائن جي اڳهن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي. ڪابينا ڪمپيٽيشن ڪميشن، اسٽيٽ ايڊمنسٽريشن آف مارڪيٽ ريگوليشن چين وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحن جي منظوري ڏني. مفاهمتي يادداشت سان بنهي ملڪن وچ ۾ ڄاڻ جي متاسنا ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيت ۾ واڌ ٿيندي.

07 *** بقايا

کي اتي مقرر ڪيو ويو آهي. وفاقي پوليس هڪ ايس پي، هڪ ڊي ايس پي ۽ هڪ انسپيڪٽر کي به بني گالا ۾ مقرر ڪيو آهي. اڊيالا جيل جي عملي ۾ به عورت ۽ به مرد اهلڪار شامل آهن. واضح رهي ته چيف ڪمشنر اسلام آباد بني گالا رهائشگاهه کي سب جيل قرار ڏنو هو ۽ گذريل رات بشريٰ بي بي کي اڊيالا جيل کان بني گالا منتقل ڪيو ويو هو.

08 *** بقايا

تان فحش مواد هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڪراچي ۾ فيملي وي لاگنگ جي ٽالي تي سوشل ميڊيا تي فحش مواد جي موجودگي بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت حسن بيگ جي درخواست تي لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو حڪم نامي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس فيس بڪ، ٽڪ ٽاڪ، يوٽيوب، اسنيپ چيٽ ۽ ٻين ايپس تان غير اخلاقي مواد تي فوري ايڪشن وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت وفاقي حڪومت ۽ ٻين کي ڪارروائي ڪري 20 فيبروري تائين رپورٽ پيش ڪرڻ جو چيو آهي.

09 *** بقايا

ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب تحريڪ انصاف جون انٽرا پارٽي چونڊون 5 فيبروري سومر تي منعقد ڪيون وينديون. نامزدگي ڪاغذ پهرين فيبروري کان 2 فيبروري 2024 تائين تحريڪ انصاف جي مرڪزي سيڪريٽريٽ يا ويب سائيٽ تائين حاصل ڪري سگهبا، نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 2 فيبروري 2024 جي رات 10 وڳي تائين مقرر ڪئي وئي آهي. اميدوار پنهنجا نامزدگي ڪاغذ مرڪزي ۽ صوبائي سيڪريٽريٽس ۽ ڊيجيٽلي ذريعي اي ميل به ڪري سگهن ٿا. پڌرائي موجب پولنگ جو وقت 5 فيبروري سومر جي صبح 10 وڳي کان شام 4 وڳي تائين هوندو. چونڊن جي هنڌن ۽ اپيليٽ ٽربيونل جي تاريخ جو اعلان پهرين فيبروري 2024 تي (اڄ) ڪيو ويندو. پي ٽي آءِ طرفان پڌرائي ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته انٽرا پارٽي چونڊن جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ ۽ اسڪروٽني جو عمل 3 فيبروري 2024 جو هوندو. نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ جي صورت ۾ اعتراض جمع ڪرائڻ جو وقت 3 فيبروري 2024 رات 10 وڳي تائين هوندو. پڌرائي موجب انٽرا پارٽي چونڊن جو حصو وٺندڙ سمورن فائنل پينلز جون فهرستون 4 فيبروري جي شام 4 وڳي ويب سائيٽ تي شايع ڪيو وينديون. انٽرا پارٽي چونڊن جي نتيجن جو باضابطہ اعلان 6 فيبروري 2024 اڱاري تي ڪيو ويندو.

10 *** بقايا

ڌمڪي تي خاموش نه ويهنداسين. تهران واشنگٽن سان سڌي ريت فوج ٽڪراءَ لاءِ ڊنل نه آهي. هن چيو ته اسان ڪجهه آمريڪي اختيارين پاران ايران لاءِ ڌمڪيون ٻڌيون آهن هنن لاءِ اهو پيغام آهي ته اسان ڪنهن به ڌمڪي تي لاجواب نه رهنداسين. اسان جنگ نٿا چاهيون پر ان کان ڊنل به نه آهيون. ميڊيا رپورٽس موجب ايراني پاسداران انقلاب جي سربراهه جو بيان آمريڪي صدر جي ڌمڪي کان پوءِ سامهون آيو آهي جنهن ۾ جو بائيڊن اردن ڊرون حملي ۽ ان ۾ ٽن آمريڪي فوجين جي مارجڻ تي چيو هو ته آمريڪا ان حملي جو جواب ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي.

11 *** بقايا

۾ درخواست داخل ڪئي آهي. جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سائفر ڪيس جو ٽرائل قانوني گهرجن جي خلاف هلايو ويو آهي. ٽرائل ۾ قانوني نقص موجود آهن ۽ جوابدارن جي وڪيلن کي فريادي ڌر جي شاهدن کان آڏي پڇا جي اجازت نه ڏني وئي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته عدالت فوجداري ضابطي جي شق 367 جي ڀڃڪڙي ڪندي فيصلو ٻڌايو. درخواست ۾ سدعا ڪئي وئي آهي ته خاص عدالت کي سمورا ثبوت عبوري ۽ حتمي حڪم نامن جون ڪاپيون ڏيڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

12 *** بقايا

سلطان راجا چيو ته اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته اليڪشن 8 فيبروريءَ تي ئي ٿينديون، وقت جي کوٽ سبب بيلٽ پيپرز جي وڌيڪ پرنٽنگ جي گنجائش ناهي. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏني. آر ٽي ايس بدران اليڪشن مئنيجمينٽ سسٽم (اي ايم ايس) جو استعمال شفاف چونڊن لاءِ آهي.

13 *** بقايا

جنهن ۾ عام چونڊن کي ڏسندي 3 ڏينهن ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب خط ۾ بجلي جي 7 کان 9 فيبروري تائين بنا وقفي فراهمي يقيني بڻائڻ جا انتظام ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته عام چونڊن دوران ملڪ ۾ بجلي جي بنا وقفي فراهمي اٽر آهي. چونڊن واري رات بجلي ۾ وقفي سان ڏکيائيون پيش اچي سگهن ٿيون. پولنگ اسٽيشنز تي نتيجن جي تياري جي عمل ۾ رنڊڪ پيش اچي سگهي ٿي.

14 *** بقايا

جي منظوري ڏئي ڇڏي. گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري جي صحي بعد آرڊيننس سڄي صوبي ۾ فوري طور تي لاڳو ٿي ويندو. گورنر سنڌ هن آرڊيننس جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق هڪ تحت حاصل اختيارن تحت ڏني آهي. هن آرڊيننس تحت هاڻي عوام گهر ويٺي اليڪٽرانڪ طريقي سان بورڊ آف روينيو کي پنهنجي ملڪيت جي رجسٽريشن لاءِ درخواست يا دستاويز جمع ڪرائي سگهندو. هن آرڊيننس تحت ملڪيت جي حق لاءِ دستاويزن جي ڊيٽا بيس ذريعي آن لائن تصديق ڪئي ويندي. دستاويزن جي تصديق بعد درخواست ڏيندڙ کي في يا ٽيڪس جي ادائگي لاءِ آخري تاريخ بابت ايس ايم ايس يا اي ميل ذريعي آگاهه ڪيو ويندو.

15 *** بقايا

۾ صاف ۽ شفاف چونڊ عمل ڏسڻ چاهين ٿا، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪستان سان سهڪار جاري رهندو.

16 *** بقايا

چانهه جا هوٽل به موجود آهن جتي هر وقت چانهه پيئندڙن جي رش هوندي آهي. پر ڇا اوهان يقين ڪندئو ته گذريل سال رڳو 6 مهينن دوران پاڪستاني 9 ڪرب 42 ارب روپين کان وڌيڪ جي چانهه پي ويا. ڪسٽم واري کاتي موجب پاڪستان ۾ هلندڙ سال جي پهرين 6 ماهي جولاءِ کان ڊسمبر تائين چانهه جي درآمد ۾ گذريل سال ان ئي عرصي جي ڀيٽ ۾ 5.53 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. ڪسٽم واري کاتي پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 ماهي (جولاءِ کان ڊسمبر) دوران ملڪ ۾ چانهه جي درآمد 318 ملين ڊالر جي ڀيٽ ۾ 336 ملين ڊالرز تائين وڌي وئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مقدار جي لحاظ سان چانهه جي درآمد ۾ 9.12 سيڪڙو اضافو ٿيو جو سڄي ملڪ ۾ گذريل مالي سال جولاءِ کان ڊسمبر تائين 128 ميٽرڪ ٽرڪ ٽن چانهه گهرائي وئي جيڪا هلندڙ سال جي پهرين 6 ماهي جولاءِ کان ڊسمبر تائين 139 ميٽرڪ ٽن کان وڌيڪ رهي.

17 *** بقايا

ڀارت کي ڏنا هئا پر سک اڳواڻ گرپتونت سنگهه پنون جي قتل جي ڪوشش تي ڊرونز جي خريداري آمريڪي ڪانگريس ۾ رد ٿي وئي، ڀارتي ميڊيا موجب آمريڪي نمائندن ڀارت کي ڊرونز جي وڪري لاءِ گهربل قانوني ڪارروائي کي منجمد ڪري ڇڏيو ميڊيا رپورٽس موجب آمريڪي پرڏيهي کاتي ڀارت کي ڊرونز جو وڪرو روڪڻ تي ردعمل ڏيڻ کان پاسو ڪيو آهي جڏهن ته ڀارتي سامونڊي فوج ۽ ڀارتي بچاءَ واري وزارت جي عملدارن به رپورٽ تي ردعمل ڏيڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن.

18 *** بقايا

سگهندا. ٻئي طرف اقتصادي ماهر ڊاڪٽر اڪبر زيدي چيو ته دنيا ۾ ڪاغذ جي بجاءِ پلاسٽڪ جي ڪرنسي استعمال ٿي رهي آهي ته جيئن جعلي نوٽ تيار نه ڪري سگهجن. البت پنج هزار جو نوٽ ختم نه ٿيڻ گهرجي. اسٽيٽ بينڪ چيو آهي ته نون ڪرنسي نوٽن جي ڊيزائن جو ڪم شروع ٿي ويو آهي ۽ اميد آهي ته ٻن سالن ۾ نوان نوٽ متعارف ڪرايا ويندا.

19 *** بقايا

. فنانس کاتي جي حڪم بعد اي جي سنڌ پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر جيڪب آباد کي ليٽر لکي 840 پينشنرن جون پينشن واريون آئي ڊيز بند ڪري ڇڏيون. خزاني آفيس جيڪب آباد جا ٽائيل 840 پينشنرن جون پينشن بند ڪرڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. رابطو ڪرڻ تي جيڪب آباد جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر محمد علي منگي چيو ته 840 پينشنرن جون ماهوار پينشن بند ڪري ڇڏي آهي. هن ٻڌايو ته شڪ آهي ته پينشنرن جون آئيڊيز جعلي آهن. ان ڪري تصديق ٿيڻ تائين پينشن بند هوندي. جاچ ٽائيل پينشنرن کي نوڪري ۾ هئڻ بابت پنهنجا ڪاغذي ثبوت جمع ڪرائڻا پوندا جيڪي تصديق ٿيڻ بعد اي جي سنڌ ڏانهن اماڻيا ويندا.

20 *** بقايا

فراهمي ۾ رنڊڪ بڻيل آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ امريڪي پرڏيهي وزير جو چوڻ هو ته امريڪا امداد جي فراهمي ۽ شهرين جي حفاظت لاءِ اسرائيل تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي. ٻئي پاسي امريڪي پرڏيهي وزير غزه جنگ بندي جي ڪوشش لاءِ هلندڙ هفتي تل ابيب پهچندو. هوڏانهن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس به غزه ۾ گڏيل قومن جي اداري يو اين آر ڊبليو اي (انروا) جي لاءِ فنڊنگ جاري رکڻ جي درخواست ڪئي آهي.

21 *** بقايا

ڪيس ۾ نواز شريف جو مطالبو هو ته پي ٽي آءِ جي باني کي نااهل ڪيو وڃي. هن چيو ته اسان کي اڳ ئي خبر هئي ته فيصلا ڪيئن اچي رهيا آهن. جيڪو ٿي رهيو آهي اهو انصاف جو قتل آهي. اڳوڻي اسپيڪر چيو ته نواز شريف ۽ آصف زرداري سڀ کان وڌيڪ تحفا توشه خاني مان ورتا. اهو سڀ ڪجهه 8 فيبروري کان اڳ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن کي مايوس ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي پر 8 فيبروري تي پي ٽي آءِ ڪارڪن ووٽ ذريعي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا.

22 *** بقايا

آف پاڪستان 8 فيبروري تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. سموري ملڪ جون سرڪاري ۽ نجي آفيسون تعليمي ادارا ۽ ڪاروباري مرڪز بند رهندا. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪندي چيو آهي ته اهو فيصلو عام چونڊن 2024 ۾ ووٽرز جي سهوليت جي لاءِ ڪيو ويو آهي ته جيئن ووٽرن کي پنهنجو حق استعمال ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي پريشاني پيش نه اچي.

23 *** بقايا

جو مقصد نوٽن جي سالميت برقرار رکڻ آهي. هن چيو ته نئين ڪرنسي 2005ع ۾ جاري ڪئي وئي ۽ اهو عمل ٽن سالن تائين جاري رهيو. پهريون نوٽ جاري ڪرڻ ۾ اٽڪل ٻه سال لڳندا. اهو هڪ ڊگهو عمل آهي. جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي نئين ڪرنسي جي ڇپائي ڪئي ويندي. جنهن ۾ عوام کي به فائدو ٿيو آهي. ڊزائن لاءِ انهن جي تجويزن لاءِ پڇيو ويو. هر هڪ لاءِ ٽي انعام آهن سليم الله جو چوڻ آهي ته ست ٿيمتون آهن. ان ڪري 21 انعام رکيا ويا آهن. پهريون انعام 10 لک ريپا، ٻيو انعام 5 لک ريپا ۽ ٽيون انعام 3 لک ريپيا آهي. سڄي ملڪ ۾ 17 هزار برانچون آهن. جن مان ماڻهو متاسنا ڪري سگهن ٿا. انهن جا نوٽ آساني سان ڪري سگهندا ڊپٽي گورنر اسٽيٽ بئنڪ چيو ته نوان ڪرنسي نوٽ اڪائونٽ ۾ منتقل ڪيا ويندا. پراڻا ڪرنسي نوٽ به مرحليوار ختم ڪيا ويندا. نئين مانيٽري پاليسي موجب ايندڙ مالي سال ۾ مهانگائي ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي.

24 *** بقايا

تي حملن جو منصوبو ٺاهي رهيو آهي جيڪو هفتن تائين جاري رهي سگهي ٿو آمريڪي ميڊيا جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪي منصوبي ۾ ايراني سرحد کان ٻاهر هدف شامل آهن جڏهن ته ايران جي اندر سائبر حملن تي ٿي پاڙيو ويندو واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ اردن ۾ آمريڪي اڏي تي ڊرون حملي ۾ ٽن آمريڪي فوجين جي مارجڻ کان پوءِ آمريڪي صدر چيو هو ته آمريڪا ڊرون حملي جو جواب ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي.

25 *** بقايا

آهي. ايف آءِ اي موجب شائله نالي عورت کي اعتراض جوڳين تصويرن ۽ وڊيوز جي سوشل ميڊيا تي مشهوري ثابت ٿيڻ تي سزا ٻڌائي وئي، عورت جوابدار خلاف سال 2023 ۾ سائبر ڪرائم حيدرآباد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو. ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تي جوڊيشل مئجسٽريٽ 1 حيدرآباد عاليه سحر قائمخاني سزا ٻڌائي. ايف آءِ اي طرفان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ليگل غضنفر علي ڀٽو ڪيس جي پيروي ڪئي، جڏهن ته انسپيڪٽر سعيد احمد ڪيس جي جاچ مڪمل ڪري عدالت ۾ چالان جمع ڪرايو.

26 *** بقايا

کاتي موجب 4 فيبروري تائين ملڪ ۾ وڌيڪ برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي. اولهه هوائن جو سلسلو ملڪ تي اثرانداز ٿي رهيو آهي، جيڪو 4 فيبروري تائين برقرار رهندو. 2 کان 3 فيبروري دوران ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ هلڪي ۽ وچولي درجي جي برسات ٿي سگهي ٿي، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ۾ به هلڪي مينهن جو امڪان آهي. جڏهن ته تيز برسات جي نتيجي ۾ بلوچستان جي ندي نالن ۾ ٻوڏ جو خدشو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ 2 کان 3 فيبروري تائين برسات ۽ جبلن تي برفباري جو امڪان آهي. ڪوئيٽا، گوادر، نوڪنڊي، دالبندين، چاغي، قلات، خضدار، لسبيلي ۽ آواران ۾ برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ تيز مينهن ۽ جبلن تي برفباري جي اڳڪٿي ڪئي آهي. جڏهن ته پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ به برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي.

27 *** بقايا

اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس اڄ 414 پوائنٽن واڌ سان 62 هزار 393 تي بند ٿيو بازار ۾ اڄ 27 ڪروڙ شيئرز جو ڪاروبار 11.62 ارب رپين ۾ طئي ٿيو ان کانسواءِ مارڪيٽ ڪيپٽلائيزيشن 45 ارب رپيا وڌي 919 ارب رپيا آهي.

28 *** بقايا

رکنڊڙ گهوٽ زندگي جي جنگ هارائي ويو، جڏهن ته زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي بيٺل ڪنوار کي مظفرآباد منتقل ڪيو ويو نيلم پوليس موجب ٽنڊي الهيار سان واسطو رکندڙ احسن ۽ حانيه ڪٽن واري هنڌ هڪ ريسٽ هائوس ۾ ترسيل هئا، صبح دير تان ڪمري جو در نه کلڻ تي عملي پوليس کي اطلاع ڏنو گيسٽ هائوس جي عملي جي اطلاع تي پوليس در ڀڃي داخل ٿي ۽ هني مون لاءِ ايندڙ نئين جوڙي کي ريسڪيو ڪيو گهوٽ احسن الياس مبينا طور ساهه منجهڻ سبب فوت ٿي ويو، جڏهن ته ڪنوار حانيه کي ڪمبائنڊ ملٽري اسپتال مظفرآباد ريفر ڪيو ويو پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. احسن جو مڙهه پوسٽ مارٽم لاءِ نيو ويو آهي. رپورٽ اچڻ تي وڌيڪ خبر پوندي.

29 *** بقايا

چيو آهي ته جهاز کي سمنڊ مٿان ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو جنهن کان پوءِ اهو ڪري تباهه ٿي ويو. آمريڪي هوائي فوج موجب پائلٽ حادثي وقت جهاز مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، واضح رهي ته ڏکڻ ڪوريا ۾ هڪ مهيني اندر آمريڪي ايف 16 جهاز ڪرڻ جو اهو ٻيو واقعو پيش آيو آهي.

30 *** بقايا

هاڻي سندس فيصلي تي تنقيد ڪري رهيا آهن، مسلم ليگ ن عدالتي فيصلي ڪانپوءِ مٺائي نه ورهائي آهي. پي ٽي آءِ باني هڪ فيصلي ۾ 9 وڪيلن کي تبديل ڪيو توشا خانا جي تحفن کي اثاثن ۾ ظاهر ٿي نه ڪيو ويو آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ چيو ته تحريڪ انصاف جي باني ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي بابت عدالتي فيصلو آيو آهي. سندس چوڻ هو ته ٻين کي سزا ٿي ته احتساب عدالت جي جج محمد بشير کي مرد مومن چيو ويو، اڄ جڏهن ڪين سزا ٿي ته محمد بشير جي فيصلي تي تنقيد ڪري رهيا آهن مسلم ليگ نون جي اڳواڻ مصدق ملڪ چيو ته مسلم ليگ نون عدالتي فيصلي ڪانپوءِ ڪابه مٺائي نه ورهائي آهي. فيصلي ۾ ڪا گنجائش آهي ته عدالتون موجود آهن جيڪڏهن سپريم ڪورٽ اوهان کي سزا ڏئي ته اپيل ڪئي ڪندا. هن چيو ته توشاخانا جا تحفا اثاثن ۾ ظاهر ٿي نه ڪيا ويا. فيئر ٽرائل جو حق چالاڪ ڏوهاري لاءِ ناهي هوندو، سائفر تمام گهڻو حساس دستاويز هوندو آهي. مسلم ليگ نون جي اڳواڻ مصدق ملڪ چيو ته مسلم ليگ نون ڪڏهن ڪنهن جي ڏک تي جشن ناهي ملهايو. تحريڪ انصاف جي باني خلاف فيصلون ليگ ته ناهي ڏنو.

31 *** بقايا

7 سيڪڙو تائين وڌي سگهي ٿو. ڊبليو ايڇ او جي اداري انٽرنيشنل ايجنسي فار ريسرچ آن ڪينسر (آءِ اي آر سي) هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته تماڪ واپرائڻ، شراب پيئڻ، ٿولهه ۽ هوائي گدلاڻ ڪينسر جي ڪيسن ۾ واڌ جو مک عنصر هوندا. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 2022ع ۾ هڪ سال دوران ڪينسر جا لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ ڪيس رپورٽ ٿيا پر 2050ع تائين سالياني ڪيسن جو انگ ساڍا 3 ڪروڙ کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿو ڊبليو ايڇ او ٻڌايو ته ترقي يافتا ملڪن ۾ ڪينسر جي ڪيسن جي انگ ۾ سڀ کان وڌيڪ اضافي جو امڪان آهي جتي 2050ع ۾ واڌ 48 لک ڪيس سامهون اچي سگهن ٿا. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪينسر جي شرح جي لحاظ سان غريب ملڪ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا جتي ڪينسر جي ڪيسن جي شرح ۾ 142 سيڪڙو واڌ جو امڪان آهي. اسرندڙ ملڪن ۾ به ڪينسر جي ڪيسن جي شرح ۾ 99 سيڪڙو واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. ڊبليو ايڇ او جو چوڻ هو ته 2050ع تائين سڄي دنيا ۾ ڪينسر سبب ٿيندڙ موتن ۾ لڳ ڀڳ ٻيڻو اضافو ٿيڻ جو امڪان آهي.

32 *** بقايا

وزير شاهه محمود قريشي خلاف سائفر ڪيس جو 77 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ عدالت لکيو آهي ته بنهي ڏوهارين ٻاڻمرادو مسئلا پيدا ڪيا، همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ بي يارو مددگار بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي، فيئر ٽرائل جو حق چالاڪ جوابدار لاءِ ناهي. عدالت چيو ته سائفر کي پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو ويو جنهن جو اثر پيو. عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير طور پنهنجي عهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن ڪري پاڪستان ۽ آمريڪا جي لاڳاپن کي نقصان پهتو فيصلي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهايو، اعظم خان جو بيان سچائي تي ٻڌل هو جنهن پراسيڪيوشن جي دليلن کي مضبوط بڻايو. سائفر ذريعي ٻين ملڪن سان رابطي واري نظام جي سالميت تي سوديبازي ڪئي وئي، سائفر واري معاملي سبب ٻين ملڪن سان لاڳاپا متاثر ٿيا جنهن جو دشمنن کي فائدو ٿيو عدالت چيو ته آمريڪا پنهنجي ردعمل ۾ ٿي پيرا چيو ته پي ٽي آءِ باني جو بيان حقيقت تي ٻڌل ناهي، آمريڪا ڪانپوءِ عمران خان ڪوڙ ڳالهايو ته سازش تحت سندس حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ پاڪ فوج کي نشانو بڻايو اعظم خان مئجسٽريٽ آڏو بيان ۾ چيو ته پي ٽي آءِ باني کي سمجهايو هو، آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي بابت به ڪيس آگاهه ڪيو هو، پر عمران خان ڪن لاٿار ڪندو رهيو ۽ جلسا ڏوٽي سوشل ميڊيا تي مهم هلائي عدالت چيو ته عمران خان وزيراعظم هو، هن پنهنجي عهدي جي به ڀڃڪڙي ڪئي، سائفر واري معاملي سبب ملڪ کي عالمي سطح تي سخت نقصان پهتو جنهن ڪري معيشت ڪمزور ٿي وئي، عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي خلاف سائفر ڪيس اوپن اينڊ شٽ ڪيس آهي. شاهدن موجب، شاهه محمود قريشي جلسن ۾ سائفر واري معاملي تي ماڻهن کي ورغلايو عمران خان ۽ شاهه محمود سائفر ڪيس ۾ پنهنجو پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا جڏهن ته پراسيڪيوشن بنهي خلاف سائفر ڪيس کي ثابت ڪري ڇڏيو آهي. عدالت جي تفصيلي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني سائفر پرڏيهي وزارت کي واپس نه اماڻيو. سائفر ڪيس 17 مهينن جي جاچ ڪانپوءِ داخل ڪيو ويو. جاچ مان ثابت ٿيو ته ڪيس دير سان داخل ناهي ڪيو ويو. وزيراعظم طور عمران خان جي ذميواري هئي ته سائفر واپس ڪري، پرڏيهي وزارت وزيراعظم کان سائفر واپس نه ٿي گهري سگهي. هنيئر تائين عمران خان سائفر واپس ناهي ڪيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ڪيس سائفر بابت آهي جيڪو پرڏيهي وزارت کي واشنگٽن کان مليو. سائفر انتهائي حساس دستاويز آهي جنهن سان آمريڪا، پاڪستان جو هڪ ٻئي تي ڀروسو به جڙيل آهي. 25 شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا پر صفائي وارا وڪيل غير سنجيدا نظر آيا. 27 جنوري تي صفائي وارا وڪيل غير حاضر رهيا، جڏهن ته سرڪاري وڪيل موجود هئا. لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي سرڪاري وڪيل سان بدتميزي ڪئي ۽ فائل اُڇلائي ڇڏيا، صفائي واري وڪيل عثمان گل، علي بخاري جي ٻهچڻ تي آڏي پڇا جي تياري لاءِ وقت ڏنو جڏهن آڏي پڇا جو چيو ته وڪلين انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ سرڪاري وڪيل آڏي پڇا ڪئي، پراسيڪيوشن نه رڳو شاهدن پر دستاويزن تي ٻڌل ثبوت پيش ڪيا. رڪارڊ تي اهڙو ڪجهه ناهي جنهن مان ثابت ٿئي ته پراسيڪيوشن جي شاهدن ۾ ڪوٽ رهجي وئي، عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جا مختلف وڪيل آيا، درخواستون ڏئي دير جا حربا استعمال ڪيا ويا، بنهي جي وڪيلن قانون کي مذاق بڻايو. ڪيس جي ڪاپين جي فراهمي ۽ فرد جرم تي بنهي صحيحون نه ڪيون، عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جو رويو عدالت ۾ اٽوٽڻو رويو اختيار ڪيس جج ابوالحسنات ذوالقرنين فيصلي ۾ لکيو آهي ته پي ٽي آءِ باني شاهه محمود قريشي 342 جا بيان ڏنا پر صحيح نه ڪئي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان اڳوڻي پرڏيهي وزير مان اهڙي رويي ۽ دير جي حربن جي اميد نه هئي، فيئر ٽرائل ڪيس ڏوهارين کي آڏي پڇا جو مڪمل موقعو ڏنو ويو پر ڄاڻي واڻي آڏي پڇا نه ڪئي وئي، ياد رهي ته سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ڪيل خاص عدالت به ڏينهن اڳ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه ۾ محمود قريشي کي سائفر ڪيس ۾ ڏهه ڏهه سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي.

33 *** بقايا

کاتي موجب 4 فيبروري تائين ملڪ ۾ وڌيڪ برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي. اولهه هوائن جو سلسلو ملڪ تي اثرانداز ٿي رهيو آهي، جيڪو 4 فيبروري تائين برقرار رهندو. 2 کان 3 فيبروري دوران ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ هلڪي ۽ وچولي درجي جي برسات ٿي سگهي ٿي، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ۾ به هلڪي مينهن جو امڪان آهي. جڏهن ته تيز برسات جي نتيجي ۾ بلوچستان جي ندي نالن ۾ ٻوڏ جو خدشو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ 2 کان 3 فيبروري تائين برسات ۽ جبلن تي برفباري جو امڪان آهي. ڪوئيٽا، گوادر، نوڪنڊي، دالبندين، چاغي، قلات، خضدار، لسبيلي ۽ آواران ۾ برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ تيز مينهن ۽ جبلن تي برفباري جي اڳڪٿي ڪئي آهي. جڏهن ته پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ به برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي.

34 *** بقايا

رکنڊڙ گهوٽ زندگي جي جنگ هارائي ويو، جڏهن ته زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي بيٺل ڪنوار کي مظفرآباد منتقل ڪيو ويو نيلم پوليس موجب ٽنڊي الهيار سان واسطو رکندڙ احسن ۽ حانيه ڪٽن واري هنڌ هڪ ريسٽ هائوس ۾ ترسيل هئا، صبح دير تان ڪمري جو در نه کلڻ تي عملي پوليس کي اطلاع ڏنو گيسٽ هائوس جي عملي جي اطلاع تي پوليس در ڀڃي داخل ٿي ۽ هني مون لاءِ ايندڙ نئين جوڙي کي ريسڪيو ڪيو گهوٽ احسن الياس مبينا طور ساهه منجهڻ سبب فوت ٿي ويو، جڏهن ته ڪنوار حانيه کي ڪمبائنڊ ملٽري اسپتال مظفرآباد ريفر ڪيو ويو پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي. احسن جو مڙهه پوسٽ مارٽم لاءِ نيو ويو آهي. رپورٽ اچڻ تي وڌيڪ خبر پوندي.

35 *** بقايا

جي منظوري ڏئي ڇڏي. گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري جي صحي بعد آرڊيننس سڄي صوبي ۾ فوري طور تي لاڳو ٿي ويندو. گورنر سنڌ هن آرڊيننس جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق هڪ تحت حاصل اختيارن تحت ڏني آهي. هن آرڊيننس تحت هاڻي عوام گهر ويٺي اليڪٽرانڪ طريقي سان بورڊ آف روينيو کي پنهنجي ملڪيت جي رجسٽريشن لاءِ درخواست يا دستاويز جمع ڪرائي سگهندو. هن آرڊيننس تحت ملڪيت جي حق لاءِ دستاويزن جي ڊيٽا بيس ذريعي آن لائن تصديق ڪئي ويندي. دستاويزن جي تصديق بعد درخواست ڏيندڙ کي في يا ٽيڪس جي ادائگي لاءِ آخري تاريخ بابت ايس ايم ايس يا اي ميل ذريعي آگاهه ڪيو ويندو.

بقايا 01 سنڌيار

ورڪ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي ڪارنر گڏجاڻي ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن کي جي يو آءِ تعلقي ماتلي جي امير مولانا گل حسن زئونر خطاب ڪندي چيو ته جماعت جا ڪارڪن 8 تاريخ تي جي ڊي اي اميدوارن جي چونڊ نشان تاري تي ووٽ ڪاسٽ ڪري مخالفن کي ٻڌائيندا ته هاڻي سنڌ جو ٻچو ٻچو سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي پ پ جي دور ختم ٿي ويو آهي جي ڊي اي اميدوار منصور نظاماڻي چيو ته اسان مولانا گل حسن زئونر ۽ جي يو آءِ قيادت جا ٿورائتا آهيون جن اسان جي حمايت جو اعلان ڪري اسان جي پوزيشن کي مستحڪم ڪيو آهي هن چيو ته انشا الله سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت جي ڊي اي جي جڙندي چو ته پيپلز پارٽي وارن پندرهن سالن ۾ جيڪي سنڌ ۾ ڪر ڪيا آهن سي سيني سامهون آهن ۽ سنڌ جو باشعور عوام هن ڀيري پنهنجي ووٽ جي طاقت سان کين رجيڪٽ ڪندو انهن موقعي تي کين مختلف برادرين جي ڊي اي اميدوارن جي حمايت جو يقين ڏياريو ويو

بقايا 02 سنڌيار

هجڻ ڪري لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ زخمي ٻڌايو ته مان ميهڙ مان نصيرآباد وڃي رهيو هئس ته نامعلوم هٿيارٻندن روڪي ورن تو فاءِ موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي گاڏي نه ڏيڻ تي هٿيارٻندن سڌي فائرنگ ڪئي ۽ زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن هن چيو ته منهنجي ڪا به ڪنهن سان دشمني نه آهي ظالمن مونسان ظلم ڪيو آهي خدارا نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 03 سنڌيار

اسپتال ۾ پيل, واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. تفصيل موجب خانپور ۾ مختيارڪار آفيس پرسان آنڌس هاءِ وي روڊ تي ايندڙ ويندڙ گاڏين کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڦر ڪندڙ ڌوهارين ۽ روڊ تي گشت ڪندڙ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿي پيو گولين جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري گولين لڳڻ سبب مارجي ويو هڪ ڌوهاري زخميس حالت ۾ سائي سان گڏ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ نواب سعدخاناڻي جتوئي طور ٿي آهي. ايس ايچ او خانپور امام الدين چانڊيو جو چوڻ جو ته روڊ تي گاڏين کي روڪي ڌوهاري ڦر ڪري رهيا هئا گشت ڪندڙ پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿيو هڪ ڌوهاري نواب سعدخاناڻي جتوئي مارجي ويو هڪ زخمي ڌوهاري کي سائي ڌوهاري کڻي فرار ٿي ويا آهن جن جي پوليس جاچ ڪري پئي. خبر لکڻ تائين مارجي ويلن ڌوهاري جو لاش شڪارپور اسپتال پيل رهيو ۽ واقعي جو ڪيس وغيره داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 04 سنڌيار

پاور شو, سومرابرادري طرفان عارف مهر ۽ شبير بجارائي جي حمايت ۾ زبردست سياسي ميڙاڪو, خبرموجب: خانپور لڳ ڳوٺ ڪي بي الله بخش سومرو ۾ پي پي سٽي شڪارپور جي صدر عقيل عباس سومرو ۽ رئيس قربان سومرو جن جي ميزباني ۾ پ پ اميدوار شبير علي بجارائي ۽ عارف مهرجن جي حمايت ۾ هڪ زبردست ميڙاڪو ڪري پاور شو ڪرايو ويو. ميڙاڪي ۾ رحيم آباد ۽ آس پاس جي سومرا ۽ ڀهوڙ برادري سميت مختلف برادرين جي ماڻهن ۽ معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ميڙاڪي ۾ اين اي 192 جي تڪ جو پ پ جو اميدوار ميرشبير علي بجارائي, اڳوڻو ايم اين اي غوث بخش مهر پي ايس 8 جو پ پ جو اميدوار عارف مهر پڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي ميزبان عقيل عباس سومرو چيو ته پ پ اميدوارن جي مقابلي ۾ ڌوهارين, چورن ۽ لوفرن جا ساٿاري ۽ سهولتڪار بيٺل آهن. خانپور ۾ سدائين رت جي راند کيڏي وئي آهي ۽ هتان جي سومرا توڙي ٻين شريف برادرين تمام گهڻو ڀوڳيو آهي, هن چيو ته قبائلي جهيڙن جو ٻج ڇٽيندڙ ڌوهاري ڪلچر کي فروغ ڏيندڙ ڇهراڇاگيا ۽ پارٽيون نيون ڪري هليا آهن اشرافن جا علائقا فتح ڪرڻ, پ پ جا جيالا, اسان جا دوست ۽ شريف برادريون اوهان جي رڪ ڪندا, 8 فيبروري تي پ پ جا جيالا پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪندا ۽ مان پنهنجي سومرا برادري جي نوجوانن کي چوان ٿو ته 8 تاريخ تي تير تي مهر هڻي منهنجي روح کي تسڪين ڏيندا, اين اي 192 جي اميدوار شبير علي بجارائي چيو ته اسان جو مقابلو ڪندڙن هميشا دهشت ۽ خوف جي سياست ڪئي آهي. اوهان جو غلط ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ اوهان کي 5 سالن جي سزا ڏيندو, پنهنجن ٻچڻ ۽ خاندان جي بهتري فلاح ٻيهبود چاهيو ٿا ته 8 فيبروري تيرجي نشان تي مهر هڻي ڪامياب ڪيوچر ته پاڪستان پيپلز پارٽي هي سنڌ جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي, غوث بخش مهر چيو ته اسان سدائين عوام جي خدمت ڪئي آهي, هن وقت مولوي غلط فتوائون ڏئي ماڻهن کي گمراه ڪن پيا ته قرآن پاڪ کي ووٽ ڏيو ۽ ووٽ ته پئسا به وٺو, قرآن پاڪ تي واعدو به ڪيو ۽ وري ووٽ به نه ڏيو. هن چيو ته پ پ ئي واحد پارٽي آهي جيڪا سموري ملڪ ۾ موجود آهي, ملڪ جي سڀ کان اول پارٽي مسلم ليگ جو سنڌ ۾ ته وجود ئي ڪونهي ڪي پي ڪي مان ختم ٿي چڪي آهي ۽ پنجاب ۾ به سوڙهي ٿي چڪي آهي, شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو احسان آهي جنهن پيپلزپارٽي جهڙي سياسي پارٽي جو بنياد وڌو, ميڙاڪي کي رئيس قربان سومرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا 05 سنڌيار

ٻڌايو ته دڪانن جن ۾ سارنگ ميمڻ, بشير ڏنگراچ جي گارمينٽس جي دڪان, سهيل ميمڻ جي ڪپڙي جي دڪان, ذيشان راجپوت جي چپلن جي دڪان ۽ رشيد ميمڻ جي سگريٽن جي دڪان جا تالا ٽوڙي دڪانن مان ڪپڙا, چپلون, سگريٽ ٻيو سامان ۽ نقدي چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جن جي ماليت پنج لک آهي هوڏانهن دڪاندارن پاران چورين خلاف احتجاجي مظاهرو به ڪيو ويو چورين جي آزار تي نعري بازي ڪئي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته چوريون واپس ڪرايون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 06 سنڌيار

سان ميٽنگ ڪرڻ بعد ڪالا ڊي سي چوڪ بدين سيشن ڪورٽ بدين جي مين روڊ تي لڳل سيني پارٽين جا آزاد اميدوارن جا لڳل پيناڦليڪس پيٽر ميونسپل ڪميٽي عملي طرفان لاهرائي ڇڏيا جڏهن ته مين گولاڙچي روڊ ۽ شاهنواز چوڪ, قاضيه واه پل, مهراڻ چوڪ ۽ فروٽ چوڪ بجلي جي پولن ۾ ٽنگيل جهنڊا بينر وغيره ته لاٿا ويا ملازمن طرفان ٻڌايو ويو ته وڌيڪ سڀاڻي لاهينداسين جڏهن ته شهرين طرفان تمام گهڻي شڪايت آهي ته شهر ۾ لڳل ڪيمپن ۾ اسپيڪرن جو آواز تمام وڏو هوندو آهي وچ شهر ۾ سوين مسجدون دڪان گهر سڀ متاثر رهن ٿا ڊي سي بدين ۽ ايس ايس پي بدين اليڪشن ڪميشن بدين کي شهرين طرفان اپيل ڪئي وئي آهي ڊائوڙمينٽ ايڪٽ مطابق لائوڊ اسپيڪرن جي وڏي آواز تي پڻ پابندي لڳائي وڃي شهر جي هر ڪنا ۾ پڻ وڏي آواز هلن ٿا جنهن سبب سڄو شهر پريشان رهي ٿو شهرين جي اپيل آهي ته انتظاميه نوٽيس وٺي.

بقايا 07 سنڌيار

ڪان مبينا طور ٽيل ڦر واري واقعي خلاف احتجاجي ميڙ ڪونائو ويو, جنهن ۾ پي ايس کي ڊويزن لاڙڪاڻي جي صدر محمد عمر قادري, جنرل سيڪريٽري شمس الدين سروهي, ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر حافظ مدد علي قادري, جنرل سيڪريٽري حافظ رياض احمد چانڊيو, حافظ امام الدين ميرائي, حافظ عبدالغفار, عطا الله ابڙو, حاجي روشن انڙ, قمرالدين شيخ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي, ان موقعي تي احتجاجي ميڙ کي خطاب ڪندي مقرن اڳواڻن چيو ته گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي پرسان پي ايس بقاپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ ديرا ڪلهوڙا وٽ ڏينهن ڏٺي جو چٽن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن پاڪستان سني تحريڪ سنڌ جي سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي جي ڀاءُ حافظ ارشاد علي قاسمي کان هٿيارن جي زور تي 35 هزار روڪ رقم, موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ويا, اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي ٿاڻي تي ڏنو ويو, ۾ پوليس هن وقت تائين ڦورن خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي ۽ نه ئي وري ڦر ٿيل رقم ۽ سامان واپس ڪرايو ويو آهي. جنهن عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ٿا ڪريون ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڦورن خلاف سخت کان سخت قدم کڻي ڦر ٿيل رقم, موبائيل فون ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي, ٻي صورت ۾ پي ايس ٽي طرفان احتجاجي تحريڪ جو آغاز شروع ڪيو ويندو.

بقايا 08 سنڌيار

جهنڊا ۽ پيناڦليڪس لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا ذوالفقار مرزا صرف جلسي کي خطاب ڪندو ٻيو ڪوب پروگرام ن آهي جي ڊي اي اڳواڻ جهان خان چانڊيو خبر موجب بدين ضلعي جي قومي تڪ اين اي 223 جي اميدوار ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ صوبائي تڪ پي ايس 71 جي اميدوار حسام مرزا جي اليڪشن ڪئمپينگ ۽ چونڊ مهم جي حوالي سان اڄ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي ڪيڻ ۾ رکيل جلسي جي حوالي سان ڪيڻ شهر ۾ جي ڊي اي اڳواڻن جن ۾ اڳوڻي ٽائون چيئرمين جهان خان چانڊيو رئيس ڏنوخان چانڊيو حاجي حمزو چانڊيو امام ڏنو چانڊيو ميهار ملاح ۽ ٻين تياريون تيز ڪري ڇڏيو شهر کي جهنڊن ۽ مرزا جي پيناڦليڪسن سان سجائڻ شروع ڪري ڇڏيو مرزا حامين کي وڏي تعداد ۾ جلسي ۾ سرڪت لاءِ دعوتون ڏيڻ ۾ رڌل رابطو ڪرڻ تي اڳوڻي چيئرمين جهان خان چانڊيو چيو اسان جلسي جون تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون آهن ڊاڪٽر ذوالفقار صرف ڪئمپ تي ايندا جتي جلسي کي خطاب ڪندو ٻيو ڪوب سياسي پروگرام ن آهي جلسي ۾ عوامي سمنڊ هوندو واضع رهي تي ٽائون ڪميٽي ڪيڻ ۾ پ پ ۽ جي ڊي اي اميدوارن ۾ اليڪشن حوالي سان ڪانٽي جو مقابلو آهي.

بقايا 09 سنڌيار

سالگره تقريب منعقد ڪئي وئي, جنهن ۾ پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ۽ پي ايس 10 تي پيپلز پارٽي اميدوار فريال ٽالپر, اڳوڻي صوبائي وزير سهيل انور سيال, سردار اسد کهڙو سميت پ پ اڳواڻ اعجاز لغاري, غلام مصطفيٰ لغاري, ديدار ڀٽو روبينه قائمخاني, نصيبان چنه, سيما سومرو, بشيران موهل, ڊاڪٽر شڪيلا کهڙو محمد جمن جکرو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سٽيزن ڪلب جي چيئرمين نثار محمد مراد ڀٽو صدر ايڊووڪيٽ الله ڏنو ڀٽو پ پ اڳواڻ اعجاز احمد لغاري, اسد کهڙو, غلام مصطفيٰ لغاري, ديدار ڀٽو, روبينه قائمخاني, نصيبان چنه, سيما سومرو, بشيران موهل, ڊاڪٽر شڪيلا کهڙو محمد جمن جکرو ۽ ٻين سان گڏجي سٽيزن ڪلب جي 14 هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو جنهن بعد تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته برسات ۽ ٻوڏ دوران سيني وڏي محنت ڪري متاثرن جي ڀرپور نموني امداد ڪئي. پيپلز پارٽي ۽ جو منشور عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ اسان سدائين بغير فرق جي عوام جي خدمت ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي اليڪشن منشور ۾ ڏنل 10 نقاطي پروگرام مان غريبن کي وڏو فائدو رسندو. پارٽي هميشه ميرٽ تي روزگار فراهم ڪيا آهن 30 لک گهر ٺهرايا ويندا جن جا مالڪانا حق عورتن کي ڏنا ويندا. خطاب دوران فريال ٽالپر تقريب ۾ موجود نئون ديرو جي معززين کي اپيل ڪئي ته 8 فيبروري تي پاڻ ۽ پنهنجي عورتن کي ووٽ ڪاسٽ ڪرائيندا ۽ عورتن کي ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جو حق ضرور ڏيندا ته جيئن اهي آزاديءَ سان ووٽ ڪاسٽ ڪري سگهن هن چيو ته نئون ديرو ۾ عورتن لاءِ ڊاڪٽرليڊيز ڪلب ٺهرايو ويندو جنهن لاءِ اليڪشن ڪانپوءِ ڪوششون ورتيون وينديون. هوڏانهن ان کان اڳ سٽيزن ڪلب نئون ديرو جي صدر ايڊووڪيٽ الله ڏنو ڀٽو آيل مهمانن کي اجيائو پيش ڪيو ۽ فريال ٽالپر کان مطالبو ڪيو ته اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ بعد نئون ديرو کي تعلقي جو درجو ڏيارو وڃي. ان موقعي تي هن پ پ ليڊيز ونگ جي صدر فريال ٽالپر کي اپيل ڪئي ته اسان جي دلي خواهش آهي ته اوهان سنڌ جي پهرين عورت وزير اعليٰ جو عهدو سنڀاليو ۽ اسان جو ڀرپور ساٿ اوهان سان گڏ آهي. تقريب ۾ سٽيزن ڪلب جي چيئرمين نثار مراد ڀٽو ڪلب جي 14 سالا ڪارڪردگي بيان ڪئي ۽ ان موقعي تي فريال ٽالپر, اعجاز لغاري, غلام مصطفيٰ لغاري کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو سٽيزن ڪلب نئون ديرو جو ميمبر ٿيڻ جي اپيل ڪئي. سالگره تقريب ۾ سنڌ جي سريلي فنڪار سليم رضا ڪنير سر وکيري موجود ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو تقريب ۾ پ پ اڳواڻ سيد ارشد شاه راشدي, محمد انور ٻرڙو, سرفراز ميرائي, چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي, عبدالخالق ڀٽو, منصور سومرو, سميت سٽيزن ڪلب جا عهديدار حافظ مشتاق احمد ڪوريجو, شهزادو چنه, پروفيسر احمد بخش ڪنبر جهنگل خان جوڻيجو, هندو پنچائت جو مکي لوڪچند, چوئٿ رام شريڪ هئا.

بقايا 10 سنڌيار

جي سماجي اڳواڻ, ڪوهستان سجاڳ تنظيم جي صدر ڪوهستاڻي محمد انور جاکرو جو مامون محمد عثمان جاکرو ڦڦڙن جي بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد جهمپير ريجهو ڪوهستاني ڳوٺ سائينون جاکرو ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. کين پنهنجي پنهنجي قبرستان ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو سندن جنازن ۾ سياسي, سماجي اڳواڻن, شهرين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 11 سنڌيار

سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون سيڪيورٽي انتظامات سخت هوندا ايس ايچ او ڪيڻ خبر موجب جنرل اليڪشن آخري مرحلي ۾ داخل ڪيڻ ٿاڻي جي حد ۾ ٽوٽل 32 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون جن ۾ 16 انتهائي حساس 10 حساس 6 نارمل پولينگون شامل انتهائي حساس ۽ حساس پولينگن جا نالا انتظاميا ظاهر ن ڪيا انتهائي حساس ۽ حساس پولينگن تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون ۽ آرمي مقرر ٿيڻ جا اطلاع رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او ڪيڻ غلام علي جاگيراڻي ٻڌايو انتهائي حساس ۽ حساس پولينگن تي پوليس سان گڏ آرمي جا جوان مقرر هوندا ۽ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون وينديون اليڪشن جي ڏينهن سيڪيورٽي انتظامات سخت هوندا

بقايا 12 سنڌيار

کي ووٽ ڏيڻ جي اپيل تفصيل موجب بدين جي رهواسي سنڌ جي اڳوڻي هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجو جي ڀٽ جوڻيجا برادري جي نيڪ مرد ريٽائرڊ ايس ايس پي علي احمد جوڻيجو چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جا اسان جي خاندان مٿان احسان آهن جيڪي اسان ستن پيڙهين تائين نه ٿا لاهي سگهون بدين ۾ صحافين سان ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽي بابا کي سنڌ جو هوم سيڪريٽري ۽ مون کي ڊي ايس پي جي نوڪري ڏني ۽ جوڻيجا برادري جو ڳاٽ اوچو ڪيو ۽ ٻئي شهيدن سان زندگي جي آخري وقت تائين اسان رابطي ۾ رهيا سين ۽ اسان کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو هن چيو ته شهيد بي نظير ڀٽو وزيراعظم ٿيڻ بعد منهنجي ڀاءُ کي بحرين ۾ سفير مقرر ڪيو هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي بعد سنڌ ۾ گرفتار ٿيندڙ چند ڪامورن ۾ منهنجو ڀاءُ محمد خان جوڻيجو ۽ آئون ۽ منهنجو ننڍي عمر جو ڀاءُ به شامل هئاسين هن چيو ته پيپلزپارٽي اسان جي پارٽي آهي اسان ان لاءِ جيل به ڪٽيا آهن جيڪڏهن برادري کي ڪي شڪايتون آهن ته انهن جو حل به پيپلزپارٽي وٽ آهي اهوئي سبب آهي مون بدين ۾ 5 ئي صوبائي ۽ ٻن قومي تڪن تي پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي هن پنهنجي برادري ۽ راڄ ڀاڳ کي به اپيل ڪئي 8 فيبروري تي بدين ۾ پيپلزپارٽي جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪيو وڃي

بقايا 13 سنڌيار

ڪمشنر سکر ڊويزن چيو ته ڊيف ريچ اسڪول جو پرنسپال عبدالواحد ۽ سندس ٽيم تمام سٺو ڪم ڪري رهي آهي ۽ هتي ٻارڙن کي بهترين ماحول فراهم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ڊويزنل انتظاميه انهن ادارن جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته انهن ٻارڙن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن هنن ٻارڙن جي روشن مستقبل لاءِ پڙهائي لکائي, کاڌي پيتي سميت سموريون سهولتن جو خاص خيال رکيو وڃي ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 14 سنڌيار

نعريبازي ڪئي وئي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران جنرل سيڪريٽري سيد اختر شاه جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان 172 هين ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکندي خميس ڏينهن احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ شهزاد تاباڻي, سليم سهتو, عمر سومرو, ڪرن مرزا, جلال الدين ڀيو, يار محمد سومرو, صلاح سميجو, بابر ڪوڪر, ابراهيم سومرائي, نعيم غوري, اسامه طلعت, اصغر علي عباسي, عقيل قريشي اي ڊي گنجو, اسلم دايو, سول سوسائٽي جي عطا محمد ڀٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته پورا 6 مهينا گذري ويا آهن پر سکر پوليس شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪري سگهي آهي جيڪا پوليس جي سراسر ناڪامي آهي . قاتلن کي حڪومت جي هدايت ۽ عدالت جي حڪم باوجود پوليس گرفتار نه پئي ڪري. جيڪا افسوس ناڪ صورتحال آهي اڳواڻن چيو ته 172 ڏينهن جو وڏو عرصو گذري ويو آهي ڪيس کي روايتي ڪيسن وانگر سمجهيو پيو وڃي اسان جو کليل ۽ واضع مطالبو آهي ته ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا 15 سنڌيار

جو اوچتو دورو, انهي موقعي تي ڊپٽي ڊي اي او پرائمري ٺٽو ممتاز ڀچورو پڻ سائس گڏ هو ڊي اي او پرائمري ٺٽو پاران اسڪول جي استادن پاران اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن کي معياري تعليم ڏيڻ تي اسڪول جي ماستريائين سميت اسڪول هيڊ ميڊم زينب شاهين جي تمام گهڻي تعريف ڪئي ياد رهي ته گذريل مهيني جي 4 تاريخ تي جوائن ڪرڻ کانپوءِ صرف هڪ مهيني ۾ ڊي اي او پرائمري نظام الدين ڪڏائي پاران هن وقت تائين ٺٽي ضلعي جي 100 کان وڌيڪ اسڪولن جو اوچتا دورا ڪيا ويا آهن ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته مختلف اسڪولن ۾ سندس اوچتن دورن وقت مختلف اسڪولن ۾ استادن جي غير حاضر ڪين شوڪاز نوٽس ڏئي وضاحتون پيش ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا آهن جڏهن ته مناسب جواب ڏيندڙ استادن کي ٻارن جي پڙهائي جاري ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا آهن نظام الدين ڪڏائي چيو ته دوري دوران معلوم ٿيو ته ضلعي جي مختلف اسڪولن پاران سرڪارن پاران جاري ڪيل ايس ايم سي جا فنڊ استعمال نه ڪيا ويا آهن. جنهن تي فنڊن جي استعمال کي يقيني نه بڻائڻ ۽ اسڪولن کي بهتر ڪرڻ لاءِ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا, هن چيو ته اسڪولن جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ پرائمري اسڪولن جي هيڊ ماسترن کي چتاءُ ڏنو ويو ته جيڪڏهن انهن اسڪولن جي بهتري لاءِ حڪومت پاران ڏنل ايس ايم سي فنڊ استعمال نه ڪيا ته انهن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي, هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ٺٽي ضلعي جي ڏورانهن علائقن جي اسڪولن ۾ استادن جي کوٽ سبب جيڪي اسڪول بند پيل هئا انهن کي ٻيهر فعال ڪرڻ لاءِ NCHD پاران مهيا ڪيل استادن کي ڏورانهن اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن انهن علائقن جي ٻارن کي تعليم جهڙو بنيادي حق ملي سگهي. تعليم بابت هن چيو ته جيستائين هن عهدي تي ويٺل آهيان ٺٽي ضلعي ۾ پرائمري بنيادي تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو, چيو ته سچائي ۽ نيڪ نيتي سان ڪيل ڪم ڪڏهن به ضايع نٿو وڃي ۽ ضمير به مطمئن رهي ٿو هن چيو ته جيستائين هو ان عهدي تي رهندو, پرائمري تعليم جي بهتري لاءِ ڪابه ڪسر نه ڇڏي ويندي سندس چوڻ تي ضلعي جي اسڪولن جي استادن کي گهرجي ته اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي معياري تعليم ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ اسڪول ۾ حاضري کي يقيني بڻائين ٻي صورت ۾ سخت ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 16 سنڌيار

صحيح ڪانپوءِ اهو فوري طور تي سڄي صوبي ۾ لاڳو ٿي ويندو سنڌ جي گورنر هن آرڊيننس جي منظوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ ڏنل اختيارين تحت ڏني آهي. هن آرڊيننس تحت ماڻهو هاڻي پنهنجي گهرن کان بورڊ آف روينيوٽ پنهنجون درخواستون يا دستاويز آن لائن جمع ڪرائي سگهن ٿا, هن آرڊيننس تحت مالڪي لاءِ ڊيٽابيس مان آن لائن تصديق ڪئي ويندي, دستاويزن جي تصديق کان پوءِ درخواست ڪندڙ کي فيس يا ٽيڪس جي ادائيگي لاءِ آخري تاريخ کان ايس ايم ايس يا اي ميل ذريعي اطلاع ڏنو ويندو

بقايا 17 سنڌيار

مختيارعلي ڀرين حاجي محرم علي ڀريو ۽ علي اڪبر ڀريو جي ڊي اي اڳواڻ عاقب خان جتوئي سان ملي پنهنجي برادرين سنگت ساٿين سوڏو پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي جتوئي گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو ان موقعي تي غلام محمد لغاري 5 فيبروري تي پنهنجي ڳوٺ ۾ جي ڊي اي جي قيادت جو هڪ وڏو پروگرام ڪرڻ جو اعلان ڪيو جڏهن ته عاقب خان جتوئي سان ملاقات جي موقعي تي ڦل شهر جي جتوئين جي پراڻو ساٿي مومن الدين ملڪ ۽ استاد شفيع محمد لغاري پڻ موجود هيا

بقايا 18 سنڌيار

ايجوڪيشن ورڪس کاتي بدين جي ذريعي انڪشاف ڪيو آهي ته بدين ضلع جي جن 13 اسڪولن ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن انهن اسڪولن جي مرمت ۽ واش رومز جي سهولت ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت طرفان آيل نو ڪروڙ روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا آهن ذريعي موجب ته گذريل ڪيترن سالن کان ايجوڪيشن ورڪس کاتي بدين ۾ ويٺل باٿراپس ڊي او جنهن کي رشوت جي عيوض بدين جي ٽن سب ڊويزنن جي چارج مليل آهي ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي انجنئر رياض شيخ سان ملي من پسند ليکيدارن جي نالي بنا ٽينڊر جي نون ڪروڙ روپين جا بل ٺاهي رقم کيرائي ورتي آهي ۽ 13 اسڪولن بجاءِ فقط نون اسڪولن جا ٽينڊر ڪري مبينا طور انهن ۾ ناقص ۽ پراڻو مٽيريل ۽ پراڻين سرون استعمال ڪري پنج ڪروڙ روپيا ڪڍي ورتا جڏهن ته 2 سئو 41 اسڪولن جي مرمت فيسليٽي لاءِ آيل ساڍا ٽي ڪروڙ روپيا به بنا ٽينڊر جي ڪرپشن تي من پسند ليکيدارن جي نالن تي ڪڍي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ پولنگ اسٽيشن تي ڪم نالي ماتر ڪري استادن کان سرٽيفڪيٽ ورتا پيا وڃن ذريعي موجب ته هن ڪرپشن ۾ بدين جو هڪ وڏو آفيسر جيڪو پاڻ کي پارسا ۽ کير مان ڌوتل صاف هڻڻ جون دعوائون ڪري رهيو آهي پڻ ملوث آهي بدين جي سماجي ونڊن سنڌ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ کي هن لٽ مار جو ۽ سپريم ڪورٽ جي حڪم جي خلاف ورزي ڪري هڪ اسسٽنٽ انجنئير کي رشوت جي عيوض ٽن سب ڊويزنن جون چارجون ڏيڻ جو نوٽيس وٺي ڪرپٽ ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 19 سنڌيار

يونين ڪائونسل نوبت مري جي مختلف ڳوٺن ۾ شاندار ميڙاڪا, جي ڊي اي اميدوار سيد حاجي جلال شاه بهزاد بشير ميمڻ جميعت علماءِ اسلام جي سليم سنڌي, پير سيد مڪرم شاه, وڏيرو يوسف هنگورو, وڏيرو علي ڏاهري, سيد افضل شاه, سيد گلزار شاه سميت ڪيترن ئي معززن جو مختلف ڳوٺن ڳوٺ خليفو يار محمد شاه ڳوٺ عمر صدر, ڳوٺ هاشم ساند, ڳوٺ نوبت مري, ڳوٺ فيض محمد هنگورو, ڳوٺ جان محمد هنگورو ڳوٺ ڪريم داد گهانگهلو ڳوٺ ٻهريون ۽ ٻين ۾ پهچڻ تي دهلن شرنائين ۽ گلن جي ورکاءُ سان شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي جي ڊي اي اميدوار پي ايس 57 سيد حاجي جلال شاه جاموٽ مختلف ميڙاڪن دوران خطاب ڪندي چيو ته متياري تعلقي سميت پوري ضلعي جي عوام سجاڳ ٿي چڪي ماڻهن جي محبت ۽ جوش جذبي کي ڏسي يقين ٿي ويو آهي ته اسان جي ڪاميابي ضرور ٿيندي اسان هميشه عوام جي وچ ۾ هميشه رهيا آهيون ۽ انشاءَ الله ڪاميابي ماڻي اوهان جي وچ ۾ هونداسين ۽ علائقي جي ڀرپور خدمت ڪنداسين.

بقايا 20 سنڌيار

پي ايس 76 ميرپور ساڪرو جي اميدوار محمد علي خٽڪ پاران ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو سان گڏ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن جي سلسلي ۾ مڪلي, ڪلانڪوٽ, ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو, صابر ڳوٺ, غلام الله, ور شهر, گليل, بگهاڙ موري سميت مختلف ڳوٺن ۾ گاڏين جي ريلي جي صورت ۾ پهچي پنهنجي حمايت حاصل ڪئي, ان موقعي تي نڪتل ريلي توڙي عوامي ميڙاڪن ۽ ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪندي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو, جماعت اسلامي پاران نامزد ٿيل پي ايس 75 ٺٽو جي اميدوار عبدالله آدم گندرو, اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار ڊاڪٽر امتياز ٻالاري ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو جي اميدوار محمد علي خٽڪ, مولوي عطاءُ الرحمان بلوچ چيو ته جماعت اسلامي هر دور ۾ ڏکئي وقت ۾ عوام جي ڀرپور مدد ڪئي آهي, پوءِ اهي ٻوڏون هجن يا ٻيون ڪي قدرتي آفتون هجن, پر جماعت اسلامي سيني کان اڳ پري رهي اهي, هن چيو ته هن واري جماعت اسلامي پاران عبدالله آدم گندرو کي پي ايس 75 ٺٽو, ڊاڪٽر امتياز ٻالاري کي اين اي 225 ٺٽو ۽ محمد علي خٽڪ کي پي ايس 76 ميرپور ساڪرو تڪ تي نامزد ڪيو ويو آهي, جنهن جو انتخابي نشان سامي (ترازو) آهي, جن کي 8 فيبروري تي پنهنجو قيمتي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪندا, جيڪي ڪامياب ٿي عوام جا مسئلا حل بنا فرق جي حل ڪندا رهندا, چاڪاڻ جو پ پ جي 15 سال دور حڪومت ۾ عوام کي سواءِ بک بدحالي جي ڪجه به ناهي مليو ۽ نه ئي ڪي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن. هنن چيو ته 8 فيبروري تي اليڪشن ٿيڻ ٿي, پر نگران حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ پيٽرتيل جون قيمتون حد کان وڌيڪ وڌائي اهو بار ۽ عوام تي ڪيرائي ڇڏيو اهي, جنهن سان اڃان به مهنگائي, بيروزگاري ۾ اضافو ٿيندو, چاڪاڻ جو عوام اڳ ئي مهنگائي جي ستايل آهي, جيڪا بيروزگاري, بدحالي ۽ مهنگائي سبب خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهي, هنن گهر ڪئي ته فورن مهنگائي تي ڪنٽرول ڪري وڌايل تيل جون قيمتون گهٽائي مهنگائي جي ماريل عوام کي رليف مهيا ڪيو وڃي, هنن چيو ته عوام جو چونڊ ڪارو جماعت اسلامي وٽ آهي, ملڪ جي عوام سمورن جماعت اسلامي جي اميدوارن کي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪري, جيڪي ئي سندن ڏک, تڪليفون دور ڪري کين سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري کين انصاف فراهم ڪندا, ان موقعي تي سيد طفيل شاه بخاري, ڪاشف ڪوڪر, آصف ٻالاري, خداڏنو ٻالاري, رفيق برفت, شمير ميمڻ, ولي محمد سمون, مولوي عطاءُ الرحمان بلوچ, ادريس سمون, سرور بلوچ, لکمير خاصخيلي, محمد موسي هولائي ملاح, جليل گندرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 21 سنڌيار

آهن نوجوانن جو نيشنل پريس ڪلب تي احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس, تفصيل مطابق بدين ۽ شادي لارج جا 15 شهري نوجوانن مير حسن, نورمحمد, محمد موسي1 جليل مولابخش علي حسن عبدالستار, غلام مصطفي1 ۽ ٻين متاثرن نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسان سان پ پ جي هڪ فرادي ٽولي جنهن ۾ نورالدين بليدي جيڪو پيپلز پارٽي اڳواڻ ٽنڊو باگو جو عهديدار آهي اسان کي چيو ته آبپاشي کاتي ۾ پارٽي عهديدارن کي نوڪرين جي ڪوٽا ملي آهي اهي اسان کي پيسن کان بنا ته ملنديون ۽ ان اسان کي هڪ شخص حاجي مجيد ملاح سان ملايو جنهن وٽ ڪجهه سروس بڪ هئا ۽ چيائين ته هن کي اسان نوڪريون ڏنيون آهن هن چيو ته جڏهن اسان ان سان ڳالهايو ته ان چيو آئون ايم پي اي جو پي اي آهيان ٻن ڏينهن بعد حاجي مجيد ملاح هڪ ماڻهون گڏ وٺي آيو جنهن جو نالو جمعون ملاح جو ٽنڊي باگي سان تعلق هئس جنهن سان ڳال ٻول ٿي ان خاطري ڪندي ٻڌايو ته توهان ايئن سمجهو آئون پاڻ ايم پي اي آهيان اهڙي خاطري بعد اسان ان کي 15 ڄڻن جا 15 لک روپيا ڏنا ڪافي وقت گذريو ڪڏهن ڪرائي لاءِ ڪڏهن ميڊيڪل لاءِ مختلف مد ۾ پيسا الڳ سان وٺندا رهيا پر آرڊر نه مليا پوءِ اسان پيسا واپس گهريا نه مليا تي اسان احتجاج ڪيا جنهن بعد انهي ٽولي جو سپورٽر ماستر اسلم زنئور لک واپس ڏنا ان جا پر ثبوت اسان وٽ موجود آهن ۽ بقايا پيسا اڃا تائين اسان کي واپس نه مليا آهن انهن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان پيپلز پارٽي ضلع بدين جي صدر حاجي رمضان چانڊيو کي پڻ شڪايت ڪئي ان بعد ٻين پ پ اڳواڻن کي پڻ ڏانهون ڏنيون پر ڪوبه عمل نه ٿيو انهن ٻڌايو ته جلد اسان بلاول هائوس اڳيان پڻ احتجاج ڪرڻ ۽ قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو آهي هنن ٻڌايو ته اسان کي بعد ۾ خبر پئي ته نوڪرين جي نالي تي فراڊ ذريعي ٽنڊو ڪوسڪي پيرو لاشاري سميت ٿر جي ماڻهن کان ڪروڙين روپيا ورتا ويا آهن ۽ ماڻهن کي جعلي آرڊر ۽ جعلي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا آهن

بقايا 22 سنڌيار

چٽي نڪري وڃڻ بعد پراسرار نموني گم ٿي ويو اهي, جنهن ڪري سندس وارث سخت پريشان آهن. جن پڻ گم ٿي ٻارڙي جي ڳولا جاري ڪري ڇڏي آهي, پر اڃان تائين سندس ڪٿان به ڪو ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو آهي. گم ٿي ويل ٻارڙي جي وارثن گم ٿي ويل ٻارڙي جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 23 سنڌيار

پنهنجي حمايت حاصل ڪري رهيو اهي. ان سلسلي ۾ ن ليگ جي اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار سردار رسول بخش جاکرو ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي ڪيٽي بندر, ٻاٻيهو, سجڻ واري ۽ ان جي آسپاس جي ڳوٺن ۾ پهتو ته ساحلي پٽي جي عوام سندن ماناٽو استقبال ڪري مٿن گلن جي ورکا ڪري کين لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا, ان موقعي تي منعقد ڪيل ڪارنر گڏجاڻين توڙي عوامي ميڙاڪن کي خطاب ڪندي ن ليگ جي اميدوار سردار رسول بخش جاکرو چيو ته ضلعي ٺٽي جي عوام جي تڪليفن کي مدنظر رکندي ٻهرين ڀيرو اين اي 225 ٺٽو تڪ تي بيٺا اهيون, جيئن هتان جي عوام جي مالڪي ڪري سندن مسئلا حل ڪرائي سگهون. هن چيو ته گذريل ڪيتري ئي عرصي کان وري سنڌ ۾ پ پ جي هجڻ باوجود عوام کي نه روزگار ملي سگهيو اهي ۽ نه ئي سندن ڳوٺن ۾ جي ترقياتي ڪم ٿي سگهيا اهن. مهنگائي ۾ به روزانو اضافو ٿيندو پيو وڃي, هن چيو ته ۽ سندس انتخابي نشان شينهن اهي ڪيس 8 فيبروري تي شينهن جي نشان تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا. هن چيو ته آءُ عوام سان واعدو ٿو ڪريان ته ڪامياب ٿي عوام جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪندس, ان موقعي تي سمورن رهواسين پاران ن ليگ جي اميدوار سردار رسول بخش جاکرو جي مڪمل حمايت ڪندي کيس ڪاميابي جي يقين ڏهاني ڪرائي. ان موقعي تي شعيب ڪنڀار, سيد نواز شاه پاڏائي سيد سرور شاه پاڏائي, حاجي حسن جاکرو, وڏيرو اسلم جاکرو, وڏيرو ڀٽو جاکرو ۽ ٻيا پڻ سردار رسول بخش جاکرو سان گڏ هئا.

بقايا 24 سنڌيار

ميلي ۾ ٻار پاڻ ۾ وڙهي پيا ته خاصخيلي برادري جي ڏنڊا بردارن بگن, حميد, لطيف, ديدار, مختيار خاصخيلي ۽ ٻين منهنجي پٽ تي تشدد ڪيو جنهن سبب منهنجو معصوم پٽ مارجي ويو آهي هن چيو ته ظالمن بيگناه منهنجو معصوم پٽ ماريو آهي اسان جي ڪا به دشمني نه آهي هن چيو ته مونسان انصاف نه ٿيو ته آءُ پنهنجو پاڻ کي به باه ڏيندس هوڏانهن شاه گوڏڙيو پوليس موجب ته شاه گوڏڙيو ميلي تي خاصخيلي ۽ چانڊيه برادري جي جهيڙي جا اطلاع مليا هيا اسين اسپتال پهتاسين ته نينگر فوت ٿي ويو پوليس موجب ته فوتي نينگر جا وارث نينگر جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ نه ٿا چاهن وڌيڪ واقعي جي شفاف نموني جانچ ڪري رهيا آهيون هوڏانهن نينگر جولاش وارث بنا پوسٽ مارٽم جي کڻي گهرپهتا ته ڪهرام مچي ويو آهي آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 25 سنڌيار

ڳوٺ ۾ ارڙي بيماري ۾ 40 ٻارڙن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو فوت ٿيل ٻارڙي جي ساٿي گهرسان واسطو رکندڙ رضوان, سرفراز لعل خان, رخسانه, وحيد سهيل مظهر اظهر جانب گڏائي جي حالت نازڪ مختلف اسپتال منتقل. ارڙي وگهي فوت ٿيل معصوم ٻارڙي ضامن گڏائي جي رهواسي حبيب الله گڏائي قطب الدين گڏائي جي اڳواڻي ۾ صحت کاتي پاران واهر نه ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙ جوڻ هو ته ڳوٺ ۾ ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن ۾ صحت کاتي خاموش تماشائي بڻيل بڻيل آهي ۽ ڪي به اپاءَ نه ورتا آهن هن وقت 40 کان وڌيڪ ٻارڙن جن ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا آهن اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ارڙي وگهي معصوم فوت ٿيڻ واري معاملي تي رابطو ڪرڻ تي شيخ همدان بن محمد اسپتال خانپور مهر جي ايم ايس ڊاڪٽر فياض راجپوت ۽ ڊي ايچ او گهوٽڪي ڊاڪٽر الطاف سومرو موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هوڏانهن ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته صحت کاتي فوري طور نوٽيس وٺي ڄاڻايل علائقن صحت کاتي جون ٽيمون اماڻيون وڃن ته جيئن وڌيڪ معصوم ٻارڙن جون حياتيون بچائي سگهجن.

بقايا 26 سنڌيار

جي دلين ۾ آهن ملڪ جو عوام 8 فيبروري تي اهو ثابت ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار سکر جي قومي تڪ اين اي 200 تي نامزد پيپلز پارٽي جي اميدوار نعمان اسلام شيخ, پي ايس 24 جي اميدوار سيد فرخ شاه, سيد زيرڪ شاه ۽ ٻين سکر جي علائقي دلدار شاه ڪالوني ۾ مختلف برادرين طرفان اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ منعقد جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو هنن چيو ته ملڪ جي معيشت کي تباهي جي ڪناري تي پهچائڻ وارن جو حال اوهان جي آڏو آهي جن عوامي مفادن کان هٽي پنهنجن مفادن لاءِ سياست جو لباس پاتو انهن کي عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿو گذريل ڏهه سال ملڪ جي راڄڌاني اسلام آباد تي حڪومت ڪندڙن ملڪ خاص ڪري سنڌ کي ڪجهه به ناهي ڏنو هڪ ڪروڙ نوڪرين ۽ پنجاه لک گهرن جو نيازي صاحب کان پوءِ ميان صاحب به ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي هنن چيو ته اڄ اسان جي ملڪ کي هٿ وٺي بحرانن طرف ڌڪيو ويو آهي جنهن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو فارمولو فقط پ پ وٽ آهي هنن چيو ته اسان جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو مشن آهي ته ملڪ مان بيروزگاري جو خاتمو آڻي نوجوانن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي انشاءَ الله اقتدار ۾ اچي عوام کي سندن حق درن تائين پهچائينداسين ان موقعي تي فياض احمد چنه, قربان علي, يار محمد جوڻيجو سميت مهر برادري, سومرا برادري, چنا برادري سميت ٻين برادرين جا ماڻهو وڏي انگ ۾ موجود هئا

بقايا 27 سنڌيار

مڪمل پروگرام آهي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو به هميشه عورتن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪم ڪيو چاهي عورت پوليس اسٽيشنون هجن يا ليڊي هيلٿ ورڪرز. هميشه عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي پر بدقسمتي سان محترمه بينظير ڀٽو شهيد ڪري اسان کان کسي وئي, وري محترمه جي مشن کي صدر آصف علي زرداري کنيو ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي عورتن جو سڀ کان وڏو مسئلو حل ڪيو عورتن کي نقد رقم سان گڏ انهن ٻارن کي تعليمي وظيفو ۽ صحت جون سهولتون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي غريب ماڻهن کي تعليم ڏياري جيڪي انجنيئر ۽ ڊاڪٽر بڻجي قوم جي خدمت ڪن پيا. هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر هي ڪم بلاول ڀٽو زرداري کنيو آهي توهان پنهنجي ووٽ جي طاقت سان بلاول ڀٽو کي 8 فيبروري تي تير تي ٺپو هڻي وزيراعظم بڻايو مان شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نياڻي اوهان سان واعدو ڪريان ٿي ته بلاول ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيان عوام جي خدمت ڪندو نوجوانن لاءِ تعليم ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ سان ئي ترقي ممڪن آهي ۽ بلاول وزيراعظم بڻجي غربت جي خاتمي لاءِ بهترين ڪم ڪندو عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ پروگرام ترتيب ڏنل آهي جنهن تحت نوجوانن لاءِ يوٿ ڪارڊ, هاري ۽ مزدور ڪارڊ جاري ڪرڻ 30 لک خاندانن لاءِ گهر تعمير ڪرڻ سان ڪچي آبادي کي ريگولر ۽ مالڪانا حق ملندا, اوهان کي پنهنجي ضلعي ۾ صحت جون سهولتون فراهم ڪنداسين دل جي بيمارين جي علاج لاءِ سانگهڙ ۾ اين آءِ سي وي ڊي قائم ڪنداسين. قوم کي مهانگائي جي دلدل مان ٻاهر ڪڍنداسين اهو ڪم فقط پاڪستان پيپلزپارٽي ئي ڪري سگهي ٿي چاڪاڻ ته اسان جي پاڪستان پيپلز پارٽي غريب عوام جي پارٽي آهي.

بقايا 28 سنڌيار

مارڪي ۾ 300 اضافي ڪمپيوٽر ليب, واش روم, ڪيفيٽريا شامل آهن, جڏهن ته 2.5 ڪروڙ جي لاڳت سان بجلي جي فراهمي لاءِ الڳ پي ايم ٽي لڳائي وئي آهي. هن چيو ته هڪ سال جو ڪورس پاڪستان ۾ ڪروڙين ڊالرز آڻيندو, هي ڪورس نوجوانن لاءِ اميد جي روشني آهي, ساڍا 4 لک ٻار جيڪي ٽيسٽ پاس نه ڪري سگهيا آهن انهن کي آن لائن سکيا ڏني ويندي, سمورن شاگردن کي آءِ ميلون به موڪليون وينديون. گورنر سنڌ چيو ته ڪلاسن ۾ دير جو سبب اوهان کي دوري ڪانپوءِ سمجهه ۾ اچي ويندو, سنڌ جي گورنر شڪرگذاري جو اظهار ڪندي چيو ته الله تعالى اهو ڏينهن ڪٽي آيو جيڪو چيو اهو ڪري ڏيکاريو ۽ هن ۾ جي ڊي سي سيلاني ٽرسٽ جو هڪ وڏو سهڪار شامل آهي, هن چيو ته ان سلسلي ۾ هڪ ٽرسٽ پڻ جوڙيو ويو آهي, 11 رڪني ٽرسٽ هن آءِ ٽي يونيورسٽي کي هلائيندو, اسان آءِ ٽي ڪلاسز ذريعي روزگار جو بنياد رکيو آهي, ان جو دائرو سڄي سنڌ ۾ وڌايو ٿو وڃي, آءِ ٽي ڪلاسز گيم چينجر ثابت ٿيندو ڪامران خان ٽيسوري چيو ته موٽرسائيڪلن لاءِ هن وقت تائين 10 هزار درخواستون مليون آهن, ٻهرين مرحلي ۾ 1700 موٽرسائيڪلون ڏنيون وينديون, هينئر تائين ساڍي 14 لک ماڻهو گورنر هائوس اچي چڪا آهن سنڌ جي گورنر چيو ته ترميمي رجسٽريشن آرڊيننس بل ذريعي شهري پنهنجي ملڪيت جي رجسٽريشن ڪرائي سگهندا, اهو قانون پئسي جي ٽرانزيڪشن جا دروازا بند ڪري ڇڏيندو, گورنر سنڌ چيو ته آرمي چيف معاشي استحڪام لاءِ به ڪم ڪري رهيو آهي, سيلاني ماڻهن کي کاڌ خوراڪ سان گڏ روزگار پڻ فراهم ڪري ٿو, اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو, هن چيو ته امن امان جي خراب صورتحال جو سبب بيروزگار آهي, هن وڌيڪ چيو ته هڪ هزار اسڪول اسان جي حوالي ڪري ڇڏيا وڃن, اسان انهن کي علائقي واپس ڪنداسين, بشير فاروقي سان گڏ ٿي سني معاشري بنياد رکنداسين سوشل ميڊيا تي چيو پيو وڃي ته گورنراڄ يا سياڻي وڃي رهيو آهي, اهي سڀ ڳالهيون ان لاءِ پکيڙيون وڃن پيون ته جيئن هي منصوبو مڪمل نه ٿئي, جيڪڏهن اهو منصوبو مڪمل نه ٿئي ها ته عوام سان هڪ ڀيرو ٻيهر ٺڳي ٿئي ها. گورنر سنڌ واضع طور تي چيو ته شرپسند عنصرن کي آئيني هٿن سان منهن ڏينداسين, هن چيو ته جنرل عاصم منير جي روپ ۾ اهڙو فوجي ليڊر مليو جيڪو سمجهي ٿو ته ملڪ ۽ معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻو آهي, هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪانپوءِ ايس آءِ ايف سي ۾ وڏي سيڙپڪاري نظر ايندي, ايس آءِ ايف سي ذريعي ون ونڊو آپريشن هلي رهيو آهي.

بقايا 29 سنڌيار

پير بخش ڪنڌاڻي, يوسف ڪنڌاڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته اسان جي ڀاءُ غلام محمد ڪنڌاڻي جي قتل ۾ ملوث جوابدار اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هو اسان جي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ اسان کي هراسان ڪري رهيا آهن هنن چيو ته اسان جي ڀاءُ غلام محمد ڪنڌاڻي کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو هيو جنهن جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ تصديق پڻ ٿي آهي سنڌ هائي ڪورٽ جي حڪم تي ايف آئي آر پڻ درج ٿي هئي جنهن ۾ اسان جي ڀاءُ جي طلاق يافته اڳوڻي زال صفوران, سندن ڀاءُ حنيف, رفيق, نويد, فيروزالدين ٻيا ملوث هئا جن جي خلاف ڪيس داخل آهي منهنجي ڀاءُ جي اڳوڻي طلاق يافته زال صفوران ۽ سندن ڀائر اسان جي مٿان ڪوڙا من گهڙت هٿ ٺوڪيا الزام مڙهي اسان کي پريشان ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسان جي ڀاءُ مرحوم غلام محمد مسمات صفوران کي 2011 ۾ طلاق ڏني هئي اسان جو ڀاءُ ٽنڊو محمد خان شهر ۾ رهندڙ هو جنهن کي ڳالهين لاءِ گهرائي زهر ڏنو ويو ۽ ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ اسان کي پريشان ڪري رهيا آهن هنن اسان جي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي مختلف هٿڪنڊا استعمال ڪري روزاني ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن هنن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان, ايس ايچ او سٽي ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته کين انصاف فراهم ڪيو وڃي...

بقايا 30 سنڌيار

جي حد ڳوٺ امام بخش لانگاه ۾ 14 سالن جي روزه ڌي جبدار لانگاه ڪمري ۾ پاڻ کي بندوق جو فائر هڻي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي, زخمي نينگري کي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي حالت گنڀير جوڳي هئڻ ڪري ڪيس لاڙڪاڻي جي سي ايم سي اسپتال ريفر ڪيو ويو پوليس مطابق نينگري جي وارثن ٻڌايو ته ڇوڪري ڪمري ۾ پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪيو آهي. ڪارڻ اسان کي به معلوم ناهي ٿي سگهيو ٻئي پاسي اسپتال ۾ موجود وارثن مطابق ته روئيو ناهڻ دوران نينگري کي اتفاقي بندوق جو فائر لڳي ويو آهي.

بقايا 31 سنڌيار

ڳالهائيندي چيو آهي ته منهنجي خلاف سوشل ميڊيا, پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي خبرون هلي رهيون آهن ته آئون پيپلز پارٽي کي ڇڏي جي ڊي اي ۾ شموليت اختيار ڪري رهيو آهيان, جن خبرن ۾ ڪا به سچائي نه آهي. هن چيو ته پي پي پي جي باني قائد ۽ ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي اسان جي گهراڻي جو تعلق پيپلز پارٽي سان رهيو آهي, جيڪو تعلق هن وقت تائين برقرار آهي, جڏهن ته جنرل ضياءَ ۽ مشرف جي آمراڻه دور ۾ به اسان پارٽي کي نه ڇڏيو سين ته هاڻي ڪيئن ڇڏي ٿا سگهون, سڀ کان وڌيڪ مون مٿان ق ليگ جي دور حڪومت ۾ دٻاءُ وڌو ويو ۽ ڊيرٽي اٽڪا ۽ فائرنگ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو ته جيئن آئون پيپلز پارٽي ڇڏي وڃان, جنهن ڪيس ۾ منهنجي ضمانت سيشن رد ڪئي, جنهن بعد سينئر قانوندان ايڊووڪيٽ مجيب پيرزادو جي معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ۾ ضمانت جي درخواست ڏني, پر اتي به درخواست کي رد ڪيو ويو, آخر پوءِ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان مان ضمانت ورتي, جڏهن ته سينئر قانوندان مجيب پيرزادو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو ساٿي هيو جنهن ملڪ جو آئين لکڻ جي معاونت ڪئي, پر ان سينئر قانوندان جي معرفت به سکڻي ضمانتي درخواست به نه ورتي وئي, سال 2006ع کان وٺي سال 2008ع تائين مخالفن جو مسلسل دٻاءُ برداشت ڪيوسين, پر پيپلز پارٽي جو ساٿ نه ڇڏيوسين. سردار محمد نواز شيخ چيو ته اهڙن هلندڙ خبرن جي مان ترديد ٿو ڪيان ۽ پنهنجي پارٽي جي دوستن کي اهو پيغام ٿو ڏيڻ چاهيان ته هو پريشان نه ٿين ۽ مان پ پ سان جيئن پهريان گڏ هيس تئين ئي هن وقت به گڏ آهيان. جڏهن ته مان پنهنجي برادري سميت سيني چاهيندڙن کي پڻ پيغام ڏئي رهيو آهيان ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت طرفان عام چونڊن ۾ نامزد ڪيل قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جي اميدوارن کي اليڪشن جي ڏينهن ووٽ ڪري سوپارو ڪن ته جيئن ملڪ جو ايندڙ نئون وزيراعظم پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿئي ۽ اسان جو ملڪ ترقي طرف وڌڻ سان گڏ هتان جو عوام خوشحال ٿي سگهي.

بقايا 32 سنڌيار

مختلف برادري جي عاشق علي مزاري, حسنين علي مزاري آصف علي مزاري عرفان ميمڻ زبير علي ميندرو دلشاد لغاري ۽ ٻين پاران جيئي سنڌ محاذ رياض چانڊيو گروپ ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي آهي انهي موقعي تي شموليت واري تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي صدر ايوب ڪوريجو , سليمان ٽهيم ۽ ٻين چيو آهي ته جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت ڪندڙ تمام برادرين جي ماڻهن کي ويلڪم ڪريون ٿا جن اسان کي تنظيم جيئي سنڌ محاذ ۾ شامل ٿيا آهن انهي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ ضلعي صدر طرفان يونين پيپلز ڪالوني کي باڊي جو اعلان ڪندي صدر عاشق علي مزاري, نائب صدر مظفر علي مزاري, جنرل سيڪريٽري حسنين علي مزاري رابطا سيڪريٽري آصف علي مزاري خزانچي عرفان علي ميمڻ ۽ گهرام خان مزاري باشاه ملاح ۽ ٻين کي يونين جا عهديدار مقرر ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 33 سنڌيار

سميرا ۽ سويرا پوليس جي ظلمن خلاف پاڪ ڪتاب کڻي نيشنل پريس ڪلب پهتيون جن ٻڌايو ته گذريل رات 4 وڳي ڌاري پوليس اسان جي گهرن ۾ گهڙي چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪري اسان عورتن ۽ مردن تي تشدد ڪري اسان جي مردن جاني وسطڙو, عديل وسطڙو, جاويد وسطڙو کي ڪنهي کڻي گهر ۾ پيل روڪ روپيا ۽ سونا زيور به کڻي وئي پوليس جي اها دهشتگرد ڪاروائي لاءِ اسان پوليس سان رابطو ڪيو جيڪي ڪجهه نه ٿا ٻڌائين اسان کي شڪ آهي ته اسان جي مردن کي ڪوڙو پرامو ڪري هاف فرائي ڪيو ويندو اسان جو آءِ جي سنڌ, ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ۽ ايس ايس پي نوشهرو فيروز کي اپيل آهي ته اسان جا مرد آزاد ڪري کنيل پئسا سون ۽ سامان واپس ڏنو وڃي

بقايا 34 سنڌيار

سمورين افواهون دم ٽوڙي چڪيون آهن ۽ عام چونڊون 8 فيبروري تي ئي ٿينديون جنهن لاءِ سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کان گارنٽي ورتي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن ميروخان جي مختلف ڳوٺن ۽ علائقن ۾ چونڊ مهم جي سلسلي ۾ ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته چونڊن ۾ دير ۽ عوام کي ووٽ جي فيصلي کان پري رکڻ غيرآئيني ۽ غير جمهوري عمل هوندو, ملڪ کي عوام کان کسڻ دراصل آئين کي معطل رکڻ جي برابر عمل آهي, هن چيو ته آئيني طور تي نگران حڪومتون ٽن مهينن کان وڌيڪ ڊگهي عرصي تائين حڪومت نه ٿيون ڪري سگهن. هن چيو ته پرامن شفاف چونڊون ڪرائڻ ۽ پولنگ اسٽيشن کي محفوظ بڻائڻ اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت جي آئيني ذميواري آهي. آئيني طور تي اليڪشن ڪميشن حساس پولنگ اسٽيشن ۽ امن امان خراب ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿيڻ وارن هنڌن تي نگران حڪومت ۽ انتظاميه سان قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن جون خدمتون وٺي سگهي ٿي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن پولنگ واري ڏينهن پولنگ اسٽيشنن کي مڪمل محفوظ بڻائي ۽ ووٽرن جي تحفظ کي يقيني بڻائي ته جيئن ووٽر آزاد نموني پرامن ماحول ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪري سگهن هن چيو ته نگران حڪومت ۽ انتظاميه جي ذميواري آهي ته پولنگ اسٽيشنن جي ٻاهر امن امان کي مڪمل ڪنٽرول ۾ رکن, اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت امن امان قائم رکڻ ۽ جن کي ٿڌ لڳي رهي آهي اهي اوورڪوٽ پائي وٺن ڇاڪاڻ چونڊون ته ٿينديون. هن چيو ته قوم پرامن ۽ شفاف چونڊون چاهي ٿي ته جيئن چونڊن تي ڪير آڱريون کڻي نه سگهي, اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ حق حاڪميت هٿي ڪنهن ته پر صرف عوام جي هجي ان لاءِ پيپلز پارٽي عوام کي پنهنجي قوت سمجهندي آهي. ان موقعي تي پي ايس 15 ميروخان تي اسلامي تحريڪ جو اميدوار مشتاق جتوئي نثار کهڙو جي حق ۾ رٽائر ٿي ويو اسلامي تحريڪ جي مشتاق جتوئي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان ملاقات ڪري برادري ۽ ساٿين سميت پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ان موقعي تي مشتاق جتوئي چيو ته پيپلز پارٽي قيادت تي اعتماد ڪري پارٽي ۾ شامل ٿي رهيو آهيان ۽ چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کي ڀرپور سپورٽ ڪنداسين. جڏهن ته نثار کهڙو پنهنجي حق ۾ رٽائر ٿي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي مشتاق جتوئي جو شڪريو پڻ ادا ڪيو

ميهڙ شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڪوهيڙي سبب ٿڌ ۾ اضافو ماڻهو گهرن تائين محدود

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ شهر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ شديد ڪوهيڙو ۽ ٿڌ سردي ۾ اضافو ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا ڪوهيڙي ۽ ٿڌ سبب تعليمي ادارن ۾ تدريسي عمل متاثر جڏهن ته سرڪاري آفيسن ۾ به ڪاروهنوار نه هلي سگهيو آهي ڪوهيڙي جي وڌڻ سان انڊس هاءِ وي تي گاڏين جي روانگي پڻ متاثر رهي جڏهن ته ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ پورهيت پڻ ڪوهيڙي ۽ ٿڌ سبب پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا ٿڌ ۽ ڪوهيڙي سبب ميهڙ تعلقي جي ٽن گرڊ اسٽيشن ميهڙ, راڌڻ, فريدآباد گرڊ اسٽيشنن جا 18 فيڊر ٽرپ ٿي ويا بجلي جي فراهمي 8 ڪلاڪن تائين معطل رهي جڏهن ته گئيس ۽ واٽرسپلاءِ پاڻي پڻ بند ٿي ويو جنهن سبب شهرين کي رڌ پچاءُ دوران مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ رحيم بخش واسي پورهيت پاران احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ رحيم بخش واسي پورهيت پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏجي باٿر ڀائرن ۽ باقراڻي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي رڪشا هلائيندڙ پورهيت اڪرم ميمڻ پنهنجي ڌيئرن صائمه, سميره, صاحبه, بينظير, پٽ ثناءَ الله ميمڻ ۽ ٻين سان گڏجي ڏانهين ڏيندي الزام لڳايو ته گذريل 28 جنوري جي ڏينهن صبح جو منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ باٿر ڀائرن عمر ميمڻ, راجا ميمڻ, ذوالفقار ميمڻ, علي ميمڻ ۽ ٻين گهر تي حملو ڪري منهنجي گهر واري زينت ۽ ڌيئرن کي تشدد جو نشانو بڻائي گهر مان ڪڍي جڳهه تي قبضو ڪيو جنهن کان پوءِ مان حد جي باقراڻي ٿاڻي تي باٿر ڀائرن خلاف اين سي داخل ڪرائي گهر واري زينت ميمڻ کي کڻائي چانڊڪا اسپتال داخل ڪرايو جتي سندس جي حالت انتهائي خراب آهي, اهڙي واقعي کي چار ڏينهن گذري ويا آهن پر ايس ايچ او باقراڻي معشوق لاشاري باٿر ڀائرن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ انهن کان ڳري رشوت وٺي سندن جي وانگار وهي رهيو آهي جنهن ڪري باٿر ڀاءُ مون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت گهر ڀاتين سميت قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي زيادتي آهي, هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي باٿرن ڀائرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ باقراڻي پوليس خلاف ڪاروائي ڪري جڳهه تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

قومي عوامي تحريڪ جو سربراه اليڪشن ورڪ ڪندي مختلف علائقن ۾ دورا

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو سربراه پي ايس 60 قاسم آباد تڪ جي اميدوار اياز لطيف پليجو اليڪشن ورڪ ڪندي ڳوٺ باگهل, واڪي وسي, ڳوٺ محمد بخش شورو پهتو جتي سوين ڳوٺاڻن گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو اجرڪن, لنگهين ۽ سنڌي ٽوپين جا تحفا ڏنا, ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجو چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولو سنڌ لاءِ عذاب بڻجي وئي آهي, پي ايس 60 قاسم آباد تڪ جا وڏي تعداد ۾ ڳوٺ اڃان تائين گئس جي بنيادي سهولت کان محروم آهن پيئڻ جو صاف پاڻي ناهي, روڊ ناهن, صحت جي سهولت ناهي, تعليم کان محروم آهن اياز لطيف پليجو چيو ته 8 فيبروري سنڌ جي خوشحالي, ميرٽ, امن, انصاف, حق ۽ سچ جو ڏينهن ثابت ٿيندو پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولي گذريل ٻوڏ ۾ سنڌ سرڪار هٿ وٺي ڪروڙ ماڻهن کي ٻوڙي دربدر ڪيو, شهرن جا شهر ٻوڙايا ويا, اڄ ڏينهن تائين ٻوڏ متاثرن جي ڪا به واهر نه آهي, پيپلز پارٽي پنهنجي گذريل حڪومتي دور دوران سنڌ کي عوام کي بک, بدحالي, بيروزگاري, بدامني ۽ لاقانونيت کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو اياز لطيف پليجو چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولو سنڌ جي عوام کي پنهنجو غلام سمجهن ٿا, هي صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ عوام دوستي ۽ جمهوريت جو ڪوڙو ڊرامو ڪن ٿا, پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولي وٽ سنڌ جي غريب عوام لاءِ ڪو احساس ناهي, اقتدار هنن جو ڪاروبار آهي هي ڪروڙين روپيا اليڪشن ۾ خرچ ڪري اربين روپيا ڪمائي سنڌ جي ماڻهن کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلزپارٽي اجهي لٽي جا ڪوڙا نعرا هڻي سنڌ جون زمينون, ڪارونجهر, ٻيٽ, پاڻي ۽ وسيلا وڪڻي ڇڏيا, ميرٽ جي لتاڙ ڪئي, سنڌ کي تباه ۽ برباد ڪندڙ پيپلزپارٽي ۽ زرداري مافيا آهي جنهن پنهنجي مسلسل پندرهن سالن جي اقتداري دور دوران سنڌ کي تباهي ڪرپشن کان سواءِ ڪجه ڏنو پيپلزپارٽي سدائين سنڌي ماڻهن کان ووٽ وٺي پوءِ انهن جي پٺي ۾ خنجر هڻندي آهي, سنڌ جي وسيلن کي تين وال ڪندي آهي زرداري مافيا ۽ پيپلزپارٽي نٿي چاهي ته سنڌ جا ماڻهو ترقي ڪن ۽ خوشحال واري زندگي گذارين, اياز لطيف پليجو چيو ته ٻهراڙيون سئي گيس ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت کان محروم آهن لکين ماڻهو هيپاٽائيٽس جو شڪار آهن, نياڻين جي اعلي تعليم جا دروازا بند آهن صحت جون بنيادي سهولتون ناهن, شهرڪچري جو ڍير بڻيل آهن, اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ مان تيل ۽ گئس نڪري ٿو جيڪو سڄو ملڪ استعمال ڪري ٿو پر قدرتي وسيلن وارن ضلعن جون ٻهراڙيون گئس جي بنيادي سهولت کان محروم آهن اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي اڪثر ضلعن ۾ زمين جو پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي, پيئڻ جو صاف پاڻي نه هجڻ ڪري لکين ماڻهو سنکيو مليل زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن, جنهنڪري هيپاٽائيٽس ۽ ٻيون بيماريون پکڙجي ويون آهن, حڪومت ٻهراڙين ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جو منصوبو جوڙي, اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ تعليمي ادارن جي حالت رحم جوڳي آهي.

بقايا 35 سنڌيار

ڪندي چيو آهي ته هو پنهنجي حلقن مان ڪاميابي ماڻڻ بعد اسان جي ايس اين اي منظور ڪرائي وڃي ته جيئن هتان جا نوجوانن کي روزگار ملي سگهي انهي حوالي سان جي ايس تي ۽ پي ايس تي ۾ پاس ٿيندڙ نوجوانن جي وفد مير آزاد ٽالپر, ڪامران راجپوت, خالد خاصخيلي جمشيد سومرو جي اڳواڻي ۾ پ پ جي قومي اسمبلي جي اميدوارن سيد نويد قمر سان ملاقات ڪئي وئي جنهن تي سيد نويد قمر پاران يقين ڏياني ڪرائي وئي آهي ته اليڪشن بعد فوري هتان جي نوجوانن جا مسئلا حل ڪرايا ويندا

بقايا 36 سنڌيار

بخش انيل پٽي جو پيٽو برادري پاران ڪوٽايل ڪارنر ميٽنگ ۾ پهچڻ تي پيٽو برادري پاران شاندار استقبال, ڪري گلن جي ورکا ڪئي وئي ان موقعي تي پيٽو برادري سميت قريشي برادري, ملڪاڻي برادري, جمالي برادري, سولنگي برادري, مهر برادري, شيخ برادري, پيڻ برادري ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ ڪارنر ميٽنگ کي ريلي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو, ان موقعي تي انيل پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اليڪشن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ انشاءالله ٿرمل پاور جو ٻيهر ڪم شروع ڪري ان کي اسٽارٽ ڪنداسين ٿرمل پاور پلانٽ ۽ سکر کي سياحتي مرڪز بڻائڻ ۽ نوجوانن جي روزگار ۽ سکر جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو ويندو سمورين برادرين سردار الاهي بخش انيل پٽي کي اليڪشن ۾ ڀرپور حمايت جو يقين ڏياريو, ان موقعي تي ريلي ۾ غلام عباس پيٽو محمد رمضان پيٽو طارق علي پيٽو, عمران پيٽو, ڪامران پيٽو راحيل پيٽو احسن عباس پيٽو, جواد پيٽو ۽ ٻين برادرين جي معززين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 37 سنڌيار

۾ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ نگران صوبائي وزير اطلاعات محمد احمد شاه پڻ شرڪت ڪئي نگارجي اشاعت کي 75 سال مڪمل ٿيڻ تي سنڌ جي گورنر اسلم الياس راشدي کي مبارڪباد ڏني تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي گورنر چيو ته يقينن اخبارون ۽ رسالا اسان جي زندگي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جيڪو معلومات, تعليم ۽ تفريح جي لازمي ذريعي طور ڪم ڪري ٿو ڪامران خان ٽيسوري چيو ته اهي نه رڳو اسان کي موجوده واقعن بابت آگاهي ڏين ٿا پر دنيا جي باري ۾ اسان جي سمجه ۾ پڻ اضافو ڪن ٿا. سنڌ جي گورنر چيو ته پرنٽ ميڊيا هن ڊجيٽل دور ۾ به معلومات جو هڪ قابل اعتماد ذريعو بڻجي چڪو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته هن هفتيوار نگار فن, سئنيما ۽ سماجي رجحانن بابت مختلف نقط نظر کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته هفتيوار اخبار ايرنڊڙ فنڪارن لاءِ پليٽ فارم طور ڪم ڪيو

بقايا 38 سنڌيار

عبدالرحمان ڏنگراچ نوشهرو فيروز شهر, ڳوٺ وڏيرو مير تگر, ٻوهيا برادري, ڏنگراچ, چانڊيا, ٻاٽ, سهتا برادري, پوليس لائن ٻاءِ, پاس واري علائقي, يوسي پرڀٽ سميت مختلف هنڌن تي ڀرپور انتخابي مهم هلائي ۽ خطاب ڪندي هنن چيو ته پ پ وارا نوشهرو فيروز ۾ منهن ڏيکارڻ جهڙا ناهن ڇو جو هنن عوام سان وڏيون جليبون ڪيون آهن ۽ جتي لڪ چپ ۾ وڃن ٿا اتي چون ٿا موبائلون بند ڪيو هنن چيو ته 8 فيبروري کان اڳ ئي هتي تڏا ويڙهه ٿي ويندي آهي جيڪڏهن ڌانڌلي جي ڪوشش ٿي ته اسان سخت مزاحمت ڪنداسين, ٻئي پاسي ڳوٺ ميرل تگر, گل محمد تگر ۽ ڳوٺ جان محمد تگر سميت آس پاس جي ڪافي برادرين پ پ کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت ڪئي.

بقايا 39 سنڌيار

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار | ايڊيٽر اعجاز مهر | ڪراچي | Reg No 2677 | ABC Certified | Daily SINDHYAR Karachi | NTN 4129440-8 | www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي, جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا, اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن, پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com